
ٿارو شاهہ جو بابُو صاحب
(سوانح عمري ۽ تاثر)
علي رضا قاضي

# ٺاروشاه جو بابوُ صاحب

(سوانح عمري ۽ تاثرَ)

**ترتيب: علي رضا قاضي**

علي ڪمپيوٽرز اينڊ پبلشرز ٺاروشاه،
ضلع نوشهروفيروز

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# علي پبلشرز ۽ ڪمپيوٽرز جو ڇپيون ڪتاب

ڪتاب جو نالو: ٺاروشاه جو بابوُ صاحب (سوانح عمري ۽ تاثر)
ليکڪ: علي رضا قاضي
سال: آڪٽوبر 2016ع

حق ۽ واسطا:
علي پبلشرز ۽ ڪمپيوٽرز ٺاروشاه، ضلعو نوشهروفيروز سنڌ وٽ محفوظ هوندا
رابطي لاءِ:

# نالي ڪريان ٿو

## پنهنجي ناني سائين فقير محمد عباسي
## ۽
## چاچي سائين عمرالدين بيدار جي

جن جو منهنجي روحاني تربيت ۾ وڏو حصو آهي.

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”ٿارو شاهہ جو بابو صاحب“ اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. سنڌ جي تاريخي شهر ٿارو شاهہ جي هن سماجي ۽ سرگرم ڪردار مشهور سماجي ورڪر بابوُ اسلم فوجي خانزاده جي سوانحي لکڻين جو مرتب **علي رضا قاضي** آهي.

هي ڪتاب ٿاروشاهہ جي هڪ شخص جي زندگيءَ بابت مختصر معاشي، سماجي يا سياسي تفصيل آهي، جيڪا هڪ شخص جي زندگيءَ جي مشاهدن تي مبني آهي. ڀلو امڪان آهي تہ ان شخص جي ڪنهن سٺي پهلوءَ تي ڪو ٻيو ريس ڪري ۽ سماجي طور هڪ ڀلائيءَ جو جز سنوارجي وڃي.

هي ڪتاب علي پبلشرز ۽ ڪمپيوٽرز ٿارو شاهہ پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري دوست علي رضا قاضيءَ جا جنهن ڪتاب موڪليو ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


پبلشرس نوٽ__________________________مدثر علي سهتو
ٻين ڪاڻ جيئڻ__________________________ڊاڪٽر الطاف جوکيو
چو رڪجون رفيقو!______________________علي رضا قاضي

1. هر شخص ڪهاڻي آ
2. ٿاروشاه جو بابوُ صاحب
3. هڪ ضروري ڳالهہ
4. تعارف
5. منهنجو بابا
6. منهنجي امڙ
7. نالي جي تڪرار واري ڪهاڻي
8. ناصر ڪي ڪير وساريندو
9. 1971ع جي جنگ
10. بهترين معلم
11. انڌير نگري، چرپٽ راجا
12. ڳائڻ جو شوق
13. پٽڪي بجاءِ متڪي ڪي ڪٽڻ
14. شينهن جي سواري
15. دوست ملڪيت هوندا آهن
16. چار آنا ٽڪيٽ
17. سبزي منڊي ۾ مزدوري
18. ڏهن منٽن ۾ مجٽ پهچڻ
19. ادا ايوب جي دوڪان تي ويهڻ
20. هاءِ اسڪول ۾ ڊرامہ
21. اسڪول هاسٽل جون رونقون

22. اسڪول جا استاد
23. انهن جا احسان آهن
24. رولاڪيون
25. منهنجا پيءُ ۽ پيڻ
26. منهنجي پڦي
27. چاچو عباس باغي
28. ٿاروشاهہ ۾ مارشل لا
29. شاعر الياس بزمي
30. گا ميري منوا گاتا جا ري
31. ادا فوجدار ۽ ادي
32. هولي ۽ ڏياريءَ جا جلوس
33. جنگهہ ڀڄڻ ۽ عارب ڪنير
34. ٿاروشاهہ ۾ سڪونت جي چونڊ
35. فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ
36. وڪٽر جان غوري
37. مان نہ ڀڄندس
38. تون سزا نہ کائيندي
39. اداڪاري ڪرڻ
40. بشنيءَ جي دعا
41. برف باري ڏسڻ
42. شاديءَ جو نياپو ۽ سزا کان بچڻ
43. هڪ پاسي شيرو ٻئي طرف مهربان
44. سکر ۾ پوسٽنگ ۽ شادي
45. بهاولپور ۾ پوسٽنگ
46. اذان ڏيڻ ۽ وڃونءَ جو واقعو
47. ڪرنل حسن ڪياني سان قرب
48. رٽائر ٿيڻ
49. شادي ۽ اولاد
50. ادا ايوب ۽ ادا اقبال جو اولاد
51. والد جهڙو پاءُ
52. واپسي ۽ ڪاروبار کولڻ

53. بجليءَ جو بحران
54. گرڊ جو منظور ٿيڻ
55. ڪاروبار سان حشر
56. دوڪاندار ويلفيئر جو قيام
57. سوئي گيس جي تحريڪ
58. بلوچ ٿي واعدو پاڙجان
59. سيد نذير حسين شاهه
60. ٺاروشاهه ۾ سوئي گيس
61. سياست ۾ اچڻ
62. تلخ يادگيريون
63. پسنديده سياستدان
64. سال 2016ع جي چونڊن ۾ شڪست
65. وارڊ 04 جو هيرو!
66. هڪ افسوس
67. پاور هائوس ۽ گرڊ جو قيام
68. شهر جي ڀلائي لاءِ جاکوڙيندڙ
69. محسن خاندان
70. ايني طاهر ۽ ڌرتي فائونڊيشن
71. مامي گلوءَ ۽ چٽي فقيرَ جون يادون
72. سماجي خدمتون
73. ڪشمير ۾ زلزلو
74. شهر ۾ چوڪيداري نظام
75. راتين جون ننڊون ڦٽائيندڙ
76. ٺاروشاهه جو مسڪين جهان خان ڪوسو بابوُ اسلم فوجي
77. گوبند ۽ چندر جون يادون
78. ڪجھ سماجي خدمتون
79. ڪجھ انسان دوست آفيسر
80. ٻئي يادون
81. منهنجا دوست
82. مرشد سان بدتميزي
83. ڊرينج سسٽم ۽ مس مئنجمنٽ

84. پسند ناپسند
85. پسنديده گل
86. پسنديده لباس
87. پسنديده رنگ
88. پسنديده وقت
89. پسنديده ماڻهو
90. اي خدا! اسان کي معاف فرماءِ

# شخصيت بابت تاثر

91. ٺاروشاه جو سپوت بابوُ اسلم فوجي خانزاده________ميجر ڊاڪٽر امداد سهتو
92. ٺاروشاهہ جو 'بابوُ صاحب'__________________محمد سليم ميمڻ
93. مان، علی رضا قاضی ۽ بابوُ اسلم فوجی!________ محمد ملوڪ مستوئی
94. منهنجو شهر ٺاروشاه ۽ بابوُ صاحب____________(ڊاڪٽر) نصرت سهتو
95. بابوُ صاحب، منهنجو دوست________________حاجي الاهي بخش بالادي
96. بابوُ اسلم فوجي____________________مظفر علي سهتو

# حصہ اردو

01. ٹھاروشاہ کا فوجی__________پروفیسر مرزا خوشی محمد جاوید
02. خدمتِ خلق کا روشن ستارہ بابو اسلم فوجی خانزادہ____رضوانہ خانزادہ
03. فخر ٹھاروشاہ بابو اسلم فوجی______رانا محمد اکبر الجلیلی
04. ٹھاروشاہ کا عبدالستار ایدھی_________محمد صدیق خانزادہ
05. ٹھاروشاہ کا بابو___________محمد عقیل نقشبندی نعیمی
06. بابو اسلم فوجی اور ٹھاروشاہ_____رخسار صابر خانزادہ

# English Section

Dear Kazi sahib_____________________________ Professor Zaheerudin Memon
BAABOO FOJI, A SOCIAL REFORMER______ Naimatullah Soomro
An active Social worker______________________ Muhammad Saleem Khanzada
SUFI MAN BABOO ASLAM FOJI___________ SARFRAZ RAJPUT

# پبلشر نوٽ

محترم علي رضا قاضي صاحب جو ھي ٽيون ڪتاب ڇپائيندي مسرت جو احساس ٿي رھيو آھي، قاضي صاحب جو پھريون ڪتاب ساھتي جي اتھاسي شھر ٺاروشاھ تي ھڪ دستاويز ھو، ان کانپوءِ ‘معذرت سان’ نالي اختصاري ڪھاڻين جو ڪتاب پڻ ڇپجي پڌرو ٿيو.

ھي ٽيون ڪتاب ٺاروشاھ جي مشھور سماجي ورڪر بابوُ اسلم فوجي خانزاده جي سوانح عمري آھي، جنھن ۾ مصنف ھن جي شخصيت جي مختلف پاسن کي کور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آھي، ھو ان ۾ ڪيتري حد تائين ڪامياب ويو سو پڙھندڙ پاڻ فيصلو ڪندا پر اسان گھڻي قدر مطمئن آھيون تہ شھر جي ھن سماجي اڳواڻ ۽ فقير صفت انسان کي ڪتاب جي صورت خراج ادا ٿيو.

دعائن سان موڪلاڻي تہ جلد ساھتي جي تاريخ، تمدن ۽ ورثي تي قاضي صاحب لکندو رھندو ۽ اسان ان کي ڇپائيندا رھنداسين.

مدثر علي سھتو/ ٺاروشاھ

# ٻين کان ڄيئڻ

قاضي علي رضا هن ڪتاب تي مهاڳ لکڻ لاءِ چيو، جڏهن ته ’شخصيات‘ تي لکڻ يا تحقيقي ڪم ڪرڻ مون کي ايترو وڻندو به ناهي ۽ نه وري ان پير جو ماڻهو آهيان. اهڙو ڪم ڪرڻ پاڻ لاءِ ڪافي ڏکيو سمجهندو آهيان. ان کان اڳي قاضي صاحب جي اختصاري ڪهاڻين تي ’ڪچا ڦڪا لفظ‘ جي عنوان سان مهاڳ لکيو هو؛ حالانڪ ڪهاڻين يا افسانوي ادب جي ڏانوَ جو ماڻهو به ناهيان. مان ته صرف ٻوليءَ جي علم جي هڪ حصي جو شاگرد آهيان. هن ويري به هن همراه جو اهو ئي ضد ته هن ’شخصي ڪتاب‘ تي اوهان ٻه لفظ لکي ڏيو. نيٺ، ڪانئس ڪتاب وٺي پڙهيم، جيڪو ساهتي پرڳڻي جي تاريخي شهر ’ٺاروشاه‘ جي هڪ شخصيت ’بابوُ اسلم فوجيءَ‘ تي لکيل آهي.

صنف جي خيال کان هي ڪتاب ’سوانح عمريءَ‘ ۾ شمار ٿئي ٿو. سوانح عمريءَ کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويندو آهي:

1. تاريخي لحاظ کان هڪ شخص جي زندگيءَ جو تفصيل
2. پاڻ بابت ’آتم ڪٿا‘ ۾ خود نوِشت زندگيءَ جو احوال

سنڌي ادب ۾ سوانح عمري ۽ آتم ڪٿا/ ڪهاڻيءَ جي تمام گهڻي اهميت آهي. ان صنف کي ترقي ڏيارڻ لاءِ علامہ آءِ.آءِ قاضيءَ راءِ رکي آهي ته سنڌي ادب ۾ اها ڪوشش ورتي وڃي ته هر لکندڙ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي سوانح سچائيءَ سان لکي ته جيئن اسان جو آئيندو انهن جي مشاهدن مان لاڀ حاصل ڪري سگهي.

هي ڪتاب ٺاروشاه جي هڪ شخص جي زندگيءَ بابت مختصر معاشي، سماجي يا سياسي تفصيل آهي، جيڪا هڪ شخص جي زندگيءَ جي مشاهدن تي مبني آهي. پلو امڪان آهي ته ان شخص جي ڪنهن سني پهلوءَ تي ڪو ٻيو ريس ڪري ۽ سماجي طور هڪ ڀلائيءَ جو جز سنوارجي وڃي.

ٺاروشاه علم و ادب ۽ فن جي حوالي سان مون کي موهيو آهي. هڪ ته: پوري ننڊي ڪنڊ جو مشهور گائڪ، شاعر ۽ موسيقار ماسٽر چندر جو لاڳاپو ان شهر سان آهي. ٻيو ته: مشهور اديب گوبند مالهيءَ جو جنم به هن شهر جي مٽيءَ مان ٿيو، ڪرشن کٽواڻيءَ سان به منهنجي اڻ ڏٺي محبت آهي، جيڪو پڻ هتان جو هيو. تحقيق جي حوالي سان سنڌ جو برک تعليمدان ۽ اديب ڊاڪٽر غلام قادر سومرو به هن شهر ۾ ئي پلجي جوان ٿيو، جنهن سان منهنجي ڪافي محبت ۽ ويجهڙائپ رهي.

سنڌي جي سرسبز علائقي، معتدل موسم ۽ مٺي پاڻيءَ واري هن شهر جي ماڻهن جو مزاج به سنڌ جي مزاج جيان متعدل ۽ مٺو آهي. بابوُ محمد اسلم خانزادي سان منهنجي ڪا ويجهڙائپ يا ڏيٺ ويٺ ته ڪونهي؛ ليڪن قاضي صاحب پاران بيان ڪيل ڳالهين مان لڳندو

آهي تہ بابوءَ صاحب ٺاروشاهہ جي روايتن کي اڳتي وٺي هلي پيو. ڪجهہ ڏينهن اڳ جڏهن هن تي ڪتاب لکڻ جي ڳالهہ ٿي تہ مان فقط هڪ جملو چيو تہ ’اسان انهن ماڻهن کي ٻيو تہ ڪجهہ بہ نہ ٿا ڏئي سگهون، سواءِ محبت، احترام ۽ سٺن لفظن جي پيتا جي!

سچ تہ مان ذاتي طور ڪتاب جي ليکڪ کي همٿايو تہ جيترو بہ جلد ٿي سگهي تہ اهو ڪتاب پورو ڪري وٺي. ڇو جو ٻين ڪاڻ جيئڻ واري اصول سان زندگي گذاريندڙ ماڻهن کي سندن حياتيءَ ۾ ئي ماڻُ ملڻ گهرجي. اهي ماڻهو جن جو لقاءُ رنگ، ذات ۽ نسل جي فرق کان آجي مٽيءَ جيان، سج- چنڊ جي روشنيءَ جيان، ڏکڻ جي هير جيان ڪنهن لاءِ بہ مخصوص ناهي؛ بلڪ سڀ لاءِ ساڳيو! ڇا ڪڏهن مٽيءَ ماڻهن کي پاڻ کان پري ڪيو آهي؟ ڇا ڪڏهن سج- چنڊ روشني رسائڻ ۾ ماڻهن جي ورڇ ڪئي آهي؟ ڇا ڪڏهن پاڻيءَ ڪڏهن اهڙي دانهن ڪئي آهي تہ هي ڪافر ماڻهو مون کي نہ ٿا پي سگهن؟ ڇا هوا ڪڏهن ان سبب گهُلڻ کان انڪار ڪيو آهي تہ مسڪينن جي ٿلهي تي وائڻ منهنجو ڪهڙو ڪم؟ اهي سڀ قدرت جون نعمتون آهن، جيڪي برابريءَ جي بنياد تي هر انسان کي حاصل رهن ٿيون. بس، هي سماج ۾ اڻ- برابري ۽ طبقاتي سلسلا ماڻهوءَ جا ئي پيدا ڪيل آهن، جيڪي انسان کي انسان کان ڏينهون ڏينهن ڏور ڪندا ٿا وڃن.

سماج جي اهڙي گهٽيل ۽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ جتي ساهہ کڻڻ بہ اٽانگو ٿي وڃي، اتي ڪي شخص قدرت جي نعمتن وانگر هوندا آهن، جيڪي پاڻ کي لُنجهڻ ۾ رکي بہ ٻين کي خوشيون ارپيندا آهن. دنيا ۾ اهڙن ماڻهن جي ڪا کوٽي ڪونهي، جن جي شخصيتن کي ڏسي ماڻهپي تي ايمان پختو ٿي ويندو آهي. اهڙا ڪوڙ سارا ڪردار ڪي نامور ٿيو وڃن تہ ڪي وري گمناميءَ جي زندگي گهاري مٽيءَ ماءُ حوالي ٿيو وڃن. سنڌ جا بہ اهڙا ڪافي ڪردار آهن جن جو نالو سج جيان چمڪندو رهندو. ان حوالي سان تمام گهڻا نالا آهن.

اهڙا ڪردار سنڌ جي هر واهڻ وستي ۽ ڳوٺ شهر ۾ موجود هوند آهن، جيڪي گمناميءَ واري زندگيءَ گهاري عام لاءِ پاڻ پتوڙين پيا. گهرج ان ڳالهہ جي آهي تہ لکندڙ دوست اهڙن ڪردارن جي سوانح لکي منظر عام تي آڻين ۽ سماج ۾ پلائيءَ جا اڻ ڳڻيا پاسا پيدا ٿين.

**ڊاڪٽر الطاف جوکيو**
پي.ايڇ.ڊي (لسانيات/ٻولي)
غلام رباني آگرو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج
ڪنڊيارو، نوشهروفيروز

# چو رڪجون رفيقو!

سماجي اصول طور بابوُ محمد اسلم فوجي خانزاده تي ڪتاب نہ لکڻ گهرجي، ڪتاب تہ ڇا پر هن تي هڪ پنو بہ ضائع نہ ڪجي، پنو تہ پري هڪ سٽ هڪ جملو هڪ لفظ بہ نہ لکجي! ڇو جو اسان جي سماج جا اهي اصول ۽ آدرش آهن تہ هتي مسڪين صرف ٽشو پيپرن جيان استعمال ٿيندا رهن ٿا! پلي توهان سنڌ هند جي هڪ هزار سالن جي تاريخ اٿلائي ڏسو تہ اتي رڳو جنگين ۽ بادشاهن جون ئي تاريخون ملنديون.

تاريخ جڻ امير گهراڻن جي لونڊيءَ جو ڪم ڪيو هجي! بلڪل عجب جهڙي ڳالهہ تہ ڪروڙين ماڻهن ڪي يت سان لڳائي فقط سون ماڻهن جي تاريخ رقم ٿيندي رهي آهي! نتيجي ۾ اسان وٽ ٻاراڻي ادب ڪان لوڪ داستانن ۾ بہ شهزادن، بادشاهن جا قصا زور ملندا، جيڪڏهن ڪنهن غريب جو ذڪر هوندو تہ اهو بہ ان ڪوشش ۾ مصروف تہ ڪهڙي ريت بادشاه ٿجي، پئسو حاصل ڪري نٽ نانگر ڪجي. مطلب تہ جنهن شيءِ جو نالو انسان آهي، اهي فقط وڏا ماڻهو ئي آهن، غريبن جو هن دنيا جي تاريخ ۾ ڪوبہ وجود ناهي.

منهنجي هن ڪتاب لکڻ تي گهڻن ماڻهن ڪي ڏندين آڱريون آيون هونديون، انهن عجب بہ ڪاڏو هوندو تہ آخر مونکي ڪهڙي ضرورت پيش آئي جو ناروشاه جي هن مسڪين همراھ تي ڪتاب لکي ورتم!؟ تہ ها منهنجي ضمير جي مٿان اهو وزن هو تہ هن همراھ تي ڪجهہ نہ ڪجهہ لکجي، مرڻ ڪانپوءِ تہ هر ماڻهو ڪي ڪجهہ ڏينهن لاءِ پلو ڇٽبو آهي، ڇونہ ڪو اهڙو ڪم ڪجي جو هن شخص جنهن سان مان دوستي جي دعوا ڪريان ٿو، گهٽ ۾ ساهتي پرڳڻي جي هن شهر ناروشاه جي حوالي سان امر ٿي وڃي. اهو خيال دل ۾ سانڍي ڪجهہ دوستن سان صلاح مشورا بہ ڪيا، جن همٿ ڏياري ۽ حوصلو ڏنو تہ بابوُ صاحب تي لکڻ حق آهي.

اسلم فوجيءَ سان تعلق ڪي 6 سال ٿيڻ تي آهن، ياد اٿم تہ هن تي پهريون مضمون 'ناروشاه جو مسڪين جهان خان ڪوسو' نالي سان لکيو هئم، جنهن ڪي عام ۾ پذيرائي ملي هئي. پنهنجي مضمون بابت پاڻ ڇا لکان پر اهو انگريزيءَ ۽ اردو ۾ ترجمو ٿي مختلف رسالن ۾ پڻ ڇپيو، جنهن تي فخر ڪري سگهجي ٿو.

ها تہ ڳالهہ ڪريان پيو بابوُ صاحب جي تہ هو مسڪين ۽ غريب طبيعت جو ماڻهو آهي، هن جي اکين ۾ هن جي معصوميت ڏسي سگهجي ٿي، ڪافي ڀيرا تہ ائين ٿيو جو منهنجي سامهون ڪجهہ ماڻهن پنهنجي پر ۾ هن جي تذليل ڪئي پر هو خاموش ٻيٺو رهيو، مان سمجهان ٿو تہ اعليٰ انساني قدرن ۾ ان عمل جو مقام تمام ارفيٰ آهي: ياد اٿم تہ هڪ ڀيري بابوُ صاحب جي اليڪشن ۾ هارائڻ ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن جڏهن ڪنهن ڪم سانگي بازار ڏانهن ويس تہ حسبِ معمول بابوُ صاحب هڪ گهٽي ڪي صاف ڪندي مليو حيران ٿي ويس اڙي هي ڇا!؟ همراھ تہ چوندن ۾ بہ هارائي ويو، اسان جهڙو ڪو هجي ها تہ ٿي ڏينهن سَوڙِ مان

نہ نڪري هان پر هن تہ پنهنجي زندگي جي معمول ڪي هڪ منٽ لاءِ بہ نہ ڇڏيو، بي اختيار ’وا واهہ‘ لبن تي اچي وئي ۽ موٽي اچي هن جي نالي سان فيس بوڪ تي هڪ پوسٽ رکيم ’وارڊ نمبر 4 جو هيرو‘ سوشل ميڊيا تي ان پوسٽ کي گهڻو پسند ڪيو، هڪ همراهہ کي گهڻي تڪليف ٿي سو ايتري جرئت تہ هئس ڪونہ جو پنهنجي اصل نالي سان ڪو تبصرو ڪري هان هڪ ڪوڙي آءِ ڊي سان لکيائين تہ ”قاضي صاحب، بابوءَ توهان کي گهڻا پئسا ڏنا آهن؟“ هاڻي ڏيو منهن بابوءَ صاحب پلا مونکي ڪيترا پئسا ڏئي سگهي ٿو، سو هيءَ ڳالهہ لکڻ جو مقصد تہ دنيا اهڙن ذهني رهزنن سان ڀري پئي آهي، جن کي ٻين جون خوشيون نہ وڻنديون آهن، هو هر ان مثبت رخ جي مخالفت ڪندا جنهن سان سماج ۾ بهتري اچي. پر پاڻ نہ هٽڻ وارا نہ مڙڻ وارا، جنهن ڳالهہ سان پنهنجو ضمير ۽ خمير مطمئن هوندو اهو لکي ڇڏيندا سين، ڪنهن کي تڪليف پهچي ٿي تہ ڀلي پهچي.

ڪتاب ’ٺاروشاهہ جو بابوءُ صاحب‘ ڪان اڳ هن ئي شهر تي ’ٺاروشاهہ 9 ڪلوميٽر‘ نالي هڪ ڪتاب لکيو هو، جنهن ۾ 46 هزار لفظ شامل هئا، جڻ ايم.فل جي ٿيسز هجي، هڪ اهڙو ڪم هو جنهن جي اهميت جو اندازو اڄ کان 50 سال پوءِ ٿيندو، جڏهن ماڻهو هن شهر ۽ علائقي جي تاريخ معلوم ڪرڻ چاهيندا تہ يقين سان منهنجو هي ڪتاب انهن لاءِ وڏو ماخذ ثابت ٿيندو پر افسوس مان نہ هوندس، بس منهنجي روح کي هڪ خوشي ضرور تہ هڪ اهڙو ڪم پنهنجي پويان ڇڏي ويس جنهن سان منهنجي شهر واسين کي فائدو پهچي رهيو آهي. خير منهنجي اها محنت گهڻن ماڻهن کي پسند آئي، مونکي خبر ناهي پر ڪجهہ شخص اهڙا مليا جن جي روين تي افسوس رهندو، مولا علي عليہ السلام جي قول مطابق ”عيب ڪڍڻ واري جو مثال ان مک جيان آهن، جيڪي جاچي گند جي ڍير تي ويهندي آهي.“

انهن ڀيرين ملاقات ۾ ئي چيو تہ: ”سائين، ڪتاب ڏاڍو ڀلو پر..........!“ ان پر ۾ گهڻو ڪري اها شڪايت هوندي هئي تہ منهنجي دوڪان جو ذڪر نہ ٿيو، منهنجي ڦلاڻي وڏي جي ڳالهہ نہ هئي، اسان جي پير جي پويان رحمت الله عليہ لکيل نہ هو.........يار حد ٿي وئي.

ڄاڻان ٿو، هن ڪتاب ڇپجڻ ڪانپوءِ بہ اهي مکيون ’ڀون ڀون‘ ڪري اٿي پونديون، ڀلي اٿن مک جو باقي ڪم ڪهڙو! اسان کي بہ تہ پنهنجو ڪم ڪرڻو آهي، سو ڪندا رهنداسين، بخاريءَ جي سٽ سان مهاڳ کي پورو ڪجي ٿو.

**ڇو رڪجون رفيقو، جڏهن ارتقا رڪجي نہ ٿي.**

علي رضا قاضي
ليڪچرار سنڌي ادب ۽ ٻولي
غلام رباني آگرو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج
ڪنڊيارو، نوشهروفيروز

هر شخص ڪهاڻي آ......

# ٺاروشاه جو بابوُ صاحب

## هڪ ضروري ڳالهہ

ڪنهن بہ شخص يا موضوع تي هڪ ستُ لکڻ بہ ڏکي آهي، پر ڪجهہ ماڻهو اهڙا هوندا آهن جن تي لکڻ مزو ڏيندو آهي. بابوُ صاحب جو شمار بہ انهن ماڻهن ۾ آهي، سال 2010ع ۾ بابوُ محمد اسلم خانزاده فوجيءَ سان مدثر سهتي جي معرفت واسطو ٿيو، انهيءَ سال ئي مان هن جي سماجي خدمتن کان متاثر ٿي هن تي 'ٺاروشاه جو مسڪين جهان خان کوسو' جي عنوان هيٺ مضمون لکيو، جيڪو ان وقت 'روزانہ سوڀ' ۾ ڇپيو. ان کان بعد ۾ ساهتي پرڳڻي جي هن اتهاسي شهر تي 'ٺاروشاه 9 ڪلوميٽر' نالي ڪتاب لکيو، جنهن ۾پڻ بابوُ صاحب تي مضمون شامل آهي.

ٺاروشاه ۾ رهندي بابوُ صاحب سان گهڻي ويجهڙائي رهي آهي، جنهن ڪري هن سان تفصيلي ڳالهيون ٿيون جيڪي هن جيئن ٻڌايون مان تيئن ئي لکي ڇڏيون، جنهن لاءِ بار بار بابوُ صاحب کان پڪ بہ وٺندو رهيس، خير وري بہ جي ڪا غلطي هجي تہ پيشگي معذرت، انسان آهيون، خطا تہ ٿيندي. (علي رضا قاضي)

## تعارف:

قد ۾ پورو پنو، پنج فوٽ پنج انچ ڊگهو، نحيف جسم سياري توڙي اونهاري مٿي تي گلگتي يا چترالي ٽوپي، سنهڙو سيپڪڙو، ڪڏهن ڏاڙهي کي رنگ ڪري تہ ڪڏهن سفيد سونهاري؛ اکيون ڪنهن معصوم ٻار جيان نہ دوکو نہ دولاب نہ ٻيائي نہ ٽڳي، صاف سٿو فارسي شاعر حافظ جي بقول تہ "ديوَن جهڙا منهن ڏسي ٿڪجي پيو آهيان، انسان ڏسڻ چاهيان ٿو!" يا يوناني ڏاهي ڊيوجانس جيان جيڪو ڏينهن جو لالٽين کڻي گهمندو هو، ڪير پڇندو هئس: "اهو ڇو پيلا؟" جواب ڏيندو هو: "ماڻهو پيو ڳوليان!" بس بابوُ صاحب بہ ڪجهہ اهڙو ئي ماڻهو آهي، جنهن لاءِ ڪارل مارڪس چيو هو تہ: "هن جهان کي نوَن ماڻهن جي ضرورت آهي." منهنجو دوست شهزاد پهنور دليپوٽن وارو چوندو آهي تہ: "اسان جي معاشري ۾ ماڻهو گهرن کي پاڪستان ۽ گهٽين کي هندستان سمجهندا آهن، گهر کي تہ صاف رکنو آهي پر گهٽيءَ تي يا تہ قبضو ڪبو يا ان کي گندو ڪبو!" خير بابوُ صاحب ساهتي پرڳڻي جي

مرڪزي شهر ٺاروشاهہ ۾ رهي ٿو، هي هن سماج ۾ فِٽ تہ ناهي، پر پوءِ بہ انساني خدمتن لاءِ جاکوڙي پيو.

ٺاروشاهہ جنهن کي مان پنهنجي ڪتاب 'ٺاروشاهہ 9 ڪلوميٽر' ۾ ساهتيءَ جي دل بہ سڏيو هو، تنهن شهر ۾ هي همراهہ خانزاده محلا ۾ ڄائو، ان گهٽيءَ کي مندر اسٽريٽ بہ سڏيو وڃي ٿو، هن جي والد صاحب جو نالو دلمير خان خانزاده آهي.

## منهنجو بابا

بابوُ صاحب پنهنجي والد صاحب بابت ٻڌائي ٿو تہ: "منهنجو بابا وڏي همٿ وارو انسان هو، جسم ۾ ڄاڻنو قدآور ۽ ذهين، منهنجو پهريون هيرو مان هن کي هر وقت تڪيندو رهندو هئس تہ ڇا ٿو ڪري پوءِ وري ان جو نقل ڪندو هئس، هو مونکي ڏسي خوش ٿيندو هو، سيني ڪان ننڍي هجڻ جي ناتي مونسان گهڻو پيار ڪندو هو، پنهنجي ڪلهي تي چاڙهي شهر ۾ گهمائيندو هو. منهنجو بابا منهنجو گهوڙو هو ۽ مان هن جو سوار هئس! اهي ڏينهن ياد ڪري هاڻي بہ روئي ڏيندو آهيان، ڪاش مان ننڍڙو ٿي پوان ڪاش منهنجو بابا موٽي اچي! پنهنجي ننڍڙي پٽن کي ڏسي بابا گهڻو ياد ايندو آهي. انهن ۾ پنهنجي بابا جي تصوير ڳوليندو آهيان، هن مونکي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ ماريو، بس هڪ پيرو چماٽ هنيائين شاهي بازار ۾ ڇٽڪو ديوان جي دوڪان جيڪو پڳڙن جي ڪري سڄي علائقي ۾ مشهور هو، جي سامهون زردار خانزاده جي هوٽل هئي، هو رات جي وقت نور محل ۾ سگريٽ وڪرو ڪندو هو، ٿو فلاور برانڊ جا سگريٽ گهڻا مشهور هئا، پاڪيٽ 75 پئسن ۾ ملندو هو، مان بہ اهي سگريٽ پيئڻ شروع ڪيا، جنهن جي بابا کي الائي ڪيئن خبر پئي، جنهن تي هن مونکي گهرائي ان ڳالهہ تان هڪ چماٽ هنئي، جيڪا اڄ بہ ياد آهي. ڪڏهن ڪڏهن سگريٽ پئندي بابا جي چماٽ ياد ايندي آهي تہ سڄو دڪيل سگريٽ بہ اڇلائي ڇڏيندو آهيان! بس "اهي ڏينهن اهي شينهن!"

"اسان جو والد صاحب امن پسند انسان هو، هن کي گهوڙن جو گهڻو شوق هو، ڪٻڏي جو بہ پلوڙ رانديگر هو، هڪ گهوڙو تہ اسان هتي ٺاروشاهہ ۾ بہ ڊاريو! ڪجهہ مهينا اڳ سيٺ احمد جڏهن هندستان ويو تہ اتان جي پنڊتن بابا جي پڇا ڪئي هئي، هڪ ڳالهہ ٻڌائڻ وسري وئي تہ بابا سائين هارمونيم بہ وڄائيندو هو، صبح جو هن جي راڳ تي اک ڪلندي هئي، اسان هن جو هي ڪلام اڪثر ٻڌندا هئاسين.

**چاند ڪي سيج پر، تارون ڪا بنا ڪي سهرا**

اهو ڪلام مان بہ جهونگاريندو آهيان، بابا پاڻ بہ ڪي ٿو سگريٽ جو موالي هو، سيٺ حبل وارن سان تمام گهڻي دوستي هوندي هئس."

”منهنجو بابا شهر ۾ ناڪن جي ٺيڪيداري ڪندو هو، جنهن ڪي چنگيون ٻه سڏينداآهن. شهر ۾ چار ناڪا هئا، هڪ هري پور ۾ اسٽيشن پرسان، ٻيو الجليل اسڪول جي ويجهو، ٽيون ٿاٽي جي بلڪل پر ۾ ۽ چوٿون پورٽي ويندڙ رستي تي جن جي تڏهن روزانه آمدني سوين روپيا هئي. شاهي بازار ۾ جتي هاٽي راشد خانزاده جو دوڪان آهي، اتي اسان جو ڪرياڻه جو وڏو دوڪان هو، سامهون جنهن جاءِ تي حاجي برڪت سهتي جو دوڪان آهي، اتي بابا منهنجي وڏي ڀاءُ محمد اقبال کي ڪيبن کولي ڏني. اسان کي زمين ٻه هئي جيڪا بابا ۽ ان جا ننڍا ڀائر عباس باغي ۽ الياس بزمي گڏ سنڀاليندا هئا.“ منهنجو بابا 1974 ۾ گذاري ويو، تڏهن منهنجي عمر 19 سال هئي.“

## منهنجي امڙ

”منهنجي امڙ جو نالو ڪنيز فاطمه هو، عبادتگذار هر وقت تسبيح ۽ ذڪر ڪرڻ واري عورت، مونکي جهولي ۾ ويهاري نماز پڙهندي هئي، مان هن جو آخري ۽ دادلو پٽ جو هئس؛ امان ٻڌائيندي هئي ته جڏهن پيدا ٿيو هئس ته ايترو ڪمزرو جو بچڻ جي اميد گهٽ هئي، امان سان گڏ منهنجي وڏي ڀيڻ منهنجو گهڻو خيال ڪندي هئي، پوءِ امان کي ڏسُ مليو ته پنهنجي ڇوڪري کي ٻڪريءَ جو کير پياريو، اهو کير پيئڻ ڪانپوءِ مان ڪافي حد تائين صحتمند ٿي ويس.“

“امان ٻڌايو ته جڏهن پيدا ٿيس ته تڏهن هاٽي وارو سسٽم نه هو جو اسپتالن ۾ وڃي ڊاڪٽرياڻين کان ويم يا آپريشن ڪرائجي، بس سڀ ڪجهه دايون ئي ڪنديون هيون، ان وقت هڪ دائي جنهن جو نالو جيوڻي هو، تنهن امان کي چيو ته تنهنجو پٽ وڏو ٿي فوج ۾ جمعدار ٿيندو! بس ان مائي جي پيشنگوئي سچ ثابت ٿي ۽ مان فوج ۾ ڇڻ جمعدار ئي ٿيس، منهنجون سالگرهون وڏي پئماني تي ملهايون وينديون هيون، جيڪي مونکي ياد آهن.“

“امان جي گذاري وڃڻ جو قصو ٻه عجيب آهي، سال 2005ع ۾ شبِ برات موقعي تي امان اسان ڏانهن نهاري چيو ته ٻي عيد تي توهان سان گڏ نه هوندس ۽ مان گذاري ٻه شب برات تي ويندس! اسان ڀائر ۽ ادي، امان جي اها ڳالهه ٻڌي پوڳ ڪرڻ لڳاسين، “امان چاڪ چڱي ڀلي آهين. چو ٿي اهڙيون ڳالهيون ڪرين!“ ۽ پوءِ امان جي ڳالهه صحيح ٿي، هوءَ اسان کان 2006ع سال ۾ شبِ برات جي ڏينهن موڪلائي اڻ ڏني ديس رواني ٿي وئي.“

## نالي جي تڪرار واري ڪهاڻي

هن جي نالي پويان عجيب ڪهاڻي آهي، پر شهر جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نظر ايندڙ شهر جا ٻار ٻچا، پوڙها پڪا ۽ زائفون مڙسالا هن کي بابوُ فوجي جي نالي سان سڃاڻن ٿا. بابوُ اسلم فوجيءَ کي پنهنجي اصلي نالي جي ته پاڻ کي ٻه خبر نه هوندي، ڇو جو عوامي خدمت

۾ ايترو تہ غرق آهي، جو مٿي ڪنهن جي واندڪائي ناهيس جو پنهنجو نالو ياد ڪري سگهي. پنهنجي نالي بابت هن وٽ هڪ ڏکي ڪهاڻي آهي: هو ٻڌائي ٿو تہ: “جڏهن پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيم تہ منهنجي پيءُ مونکي ‘تسليم سرور’ جي نالي سان داخل ڪرايو، ان ڪان اڳ تسليم نالي سان ڪجهہ ڇوڪريون بہ اسڪول ۾ داخل هيون. هاڻي حاضريءَ تان تڪرار شروع ٿيو، استاد نالو منهنجو وننڊو هو تہ ڪا نہ ڪا ڇوڪري اٿي بيهندي هئي: ناروشاه جي پوسٽ ماسٽر واري ڏيءُ عائشہ، جيڪا مونکي اڪثر ٺوڪيندي رهندي هئي.” ان مامري کي منهن ڏيڻ لاءِ بابوُ صاحب پنهنجي پيءُ جي صلاح سان پاڻ مٿان اسلم پرويز نالو رکيو، هاڻي هو پنهنجي نالي مان مطمئن هو. هڪ ڏينهن پنهنجي بابا سان گڏ، ناروشاه جي نور محل سئنيما تي پهريون پيرو فلم ڏسڻ ويو تہ هن کي فلم تہ پسند آئي، پر ان ۾ موجود هڪ ڪردار کان ڏاڍي بڇان لڳس. هِن همراه کي ان ڪردار سان، جيڪو فلم جو ولن هو، ڏاڍي نفرت ٿي وئي. فلم پوري ٿيڻ ڪانپوءِ ٻاهر نڪري پنهنجي پيءُ کان پڇيائين تہ: “بابا، ان خراب ماڻهوءَ جو نالو ڇا هو؟” پيءُ مسڪرائيندي جواب ڏنس: “تنهنجو نالي ۾ئي آهي، اسلم پرويز!” نالو ٻڌي ڇرڪ نڪري ويس اتي ئي فيصلو ڪيائين تہ هاڻي اهو نالو بہ نہ هلندو. هو هڪ ڀيرو وري پنهنجي پرائمري استاد وٽ ويو ۽ منٿ ڪيائينس تہ: “سائين، هاڻي منهنجو نالو محمد اسلم داخل ڪريو.” استاد ٿيهر هن جو نالو محمد اسلم داخل ڪري ڇڏيو: پر هو ناروشاه وارن لاءِ بابوُ ئي رهيو.

## ناصر کي ڪير وساريندو

بابوُ صاحب، جنهن جي يادگيري اهڙي تہ تيز آهي، جو پاڻ سان گڏ پڙهندڙ ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جا سڀ نالا ياد اٿس!؟ هو ڊاڪٽر زينت فاطمہ ڀهليم جي ڀيڻ الماس کي بہ سڃاڻي، جيڪا سندس بقول هن سان گڏ ويهندي هئي تہ روبينہ بہ ياد اٿس، جيڪا ناروشاه جنڪشن جي اسٽيشن ماسٽر جي نياڻي هئي. پنهنجن انهن دوستن جون يادگيريون بہ اٿس، جيڪي هن دنيا ۾ حال حيات ناهن: اهڙو ذڪر اڳتي هلي ڪبو. هن جي معصوميت جو هي اندازو آهي تہ پاڻ سان گڏ پڙهندڙ انهن ڇوڪرين کي اڄ بہ ڪِڪيون ڪري پيو سڏي، جڏهن پاڻ تہ پوڙهو ٿي ويو آهي ۽ اهي ڇوڪريون ساڳيون ننڍڙيون هجن!

هن جي ساروڻين ۾شهر جو ناصر نالي همراهہ بہ شامل آهي، جيڪو صبح جو ٽانگي تي چڙهي، نور محل سئنيما تي لڳندڙ فلمن جا پڙها ڏيندو هو ۽ منجهند جو مرحوم حاجي غلام نبي بالاديءَ جي دوڪان سامهون شِيخ ڪباب ڪپائيندو هو. هو ٻڌائي ٿو تہ ان دور ۾ انڊيا جون فلمون بہ شو لاءِ پيش ٿينديون هيون. بابوُ صاحب جي بقول تہ هن ڇهين ڪلاس کان مائٽن سان گڏ فلمون ڏسڻ شروع ڪيون هيون.

## 1971ع جي جنگ

هن جي يادن ۾ 1971ع جي جنگ بہ شامل آهي، ان جنگ جي بابت ٻڌايو تہ ان دور ۾ شاگرد جي حيثيت سان اسڪائوٽ ۾ شامل هو، جنگ جي دوران هن کي ڳچي ۾ ڦڪي رنگ جو رومال هوندو هو. هڪ ڀيري خطري جو سائرن وڳو ۽ ان وقت پر واري ڳوٺ مولهڻ جو وڏيرو غلام شبير سهتو ففٽي موٽر سائيڪل تي پئي آيو تہ هِن، وڏيري کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. وڏيري هن کي ٻار سمجهي گاڏي نہ بيهاري، نتيجي ۾ هو ففٽي موٽر سائيڪل جي پويان چنبڙي پيو ۽ ڪيس ڏڪ لڳڻ جو بہ خطرو هو؛ پر بچاءُ ٿي ويس، چو جو وڏيري غلام شبير موٽرسائيڪل بيهاري هن کان احوال ورتو ۽ سائرن جي خطري بابت ٻڌائڻ تي هن جو شڪرگذار ٿيو.

بابوُ اسلم فوجيءَ جي يادن ۾ ناروشاه ٽاڻي جو اهو ايس.ايڇ.او بہ شامل آهي، جيڪو ويسپا موٽر سائيڪل تي چڙهي سڄي شهر ۾ گشت ڪري پڙها ڏيندو هو تہ شهري محفوظ پناه گاهن ۾ لڪي وڃن جو جنگي حملي جو خطرو آهي، جنگ ڪانپوءِ ساندن پرسان هني واهڻ ڳوٺ ٻاهران هڪ جنگي جهاز بہ ڪريو هو، جنهن کي ٻين ماڻهن سان گڏ هو بہ ڏسڻ ويو هو.

آسمان تي تلوار

ان کان اڳ سال 1965ع جي جنگ جي بہ ڪجهہ يادگيري هن وٽ آهي، جنهن ۾ هن ٻڌايو تہ هڪ ڀيرو رات جو سندس والد سيني گهروارن کي جاڳائي آسمان تي ٽهيل تلوار ڏيکاري!

## بهترين معلم

هو ٻڌائي ٿو تہ پهرين جماعت کان پنجين درجي تائين گهٽو هوشيار هو؛ پهرين ڪلاس جو پورو ڪتاب زباني ياد هئس. هن کي شهر جي استادن ۾ عبدالغني سومرو ۽ بشير احمد سومرو ياد آهن، جيڪي بهترين استاد هئا؛ هو ٻڌائي ٿو تہ جڏهن پنجين ڪلاس ۾ داخل ٿيو تہ محمد الياس خانزاده استاد جي حيثيت سان آيو، "سائين الياس نوجوان هو، هن ۾ ڪجهہ ڪرڻ جو جذبو هو، هو ڪمال جو شخص هو، ان جي تعليم و تربيت بلڪل منفرد هئي، زبان مان لفظ ڪڍندو هو تہ شاگردن کي ياد ٿي ويندو هو." استاد الياس جي باڪمال شخصيت بابت ويچار ونديندي هو جذباتي ٿي وڃي ٿو، "بس اهڙا استاد وري پيدا نہ ٿيندا هن جي تعليم ۽ تربيت هڪ پاسي تہ هن جي ڏيا بئي پاسي، هو جنهن گهٽيءَ مان ايندو هو اسان الائي پوءِ احترام يا ڊپ مان اها گهٽي مٿائي ٻي گهٽيءَ مان هليا ويندا هئاسين! سائين جي هڪ خاص ڳالهہ تہ بنا فِي جي ٻارن کي پڙهائيندو هو ۽ هن وٽ پڙهندڙ اڪثر شاگرد ڪامياب ٿيا، هو شام جو دير تائين اسان کي پڙهائيندو هو، جڏهن اوندهہ ٿي ويندي هئي تہ پاڻ هر ٻار کي

ساڻ وني در تي چڙهي ويندو هو!" ڏوٻي گهٽيءَ ۾ رهندڙ چاند محمد، جيڪو مين اردو اسڪول جو هيڊماستر هو، سو بہ پنهنجي وقت جو زبردست استاد ٿي گذريو آهي

## انڊير نگري، چرٻٽ راجا

ٻالهين ۾ هن ٻڌايو تہ جڏهن هو چوٿين درجي ۾ هو تہ 'انڊير نگري، چرٻٽ راجا' وارو سبق پڙهيو هو، ڪجهہ سالن کان هن کي اهو سبق ڏاڍو ياد اچي ٿو، "اسان جي ملڪ ۾ هاڻي چرٻٽ راجائن جي حڪومت آهي، جيڪا الائي ڪڏهن ختم ٿيندي، شايد اسان ختم ٿي وينداسين!"

## ڳائڻ جو شوق

بابوُ صاحب ٻڌائي ٿو تہ هاڻي تہ سگريٽن جي گهڻي واپرائڻ ڪري ڳلو خراب ٿي ويو آهي، باقي ننڍي لاءِ سندس آواز سنو هو، جنهن لاءِ اسڪول ۾ خاص شعر و شاعري ۽ ڳائڻ جو مقابلو ٿيندو هو، جنهن لاءِ هن جا بہ استاد خاص طور وڏي همٿ افزائي ڪندا هئا، جن ۾: استاد عبداللطيف خانزاده ۽ استاد عمر دراز خانزاده هن جي يادن ۾ اڃا بہ آهن.

**يا الاهي کيا هئا، خط کا آنا بند هئا،**
**يا محبت کم هئي، يا ڈاکخانا بند هئا.**
**يا**
**کسي ايک آنسو سي هزارون دل تڑپتي هي،**
**کسي کا عمر پر رونا يون هي بيکار جاتا هي.**

هن جي ساروڻين ۾ پرائمري اسڪول جو هيڊ ماستر منصور علي سيال بہ آهي تہ انڪانپوءِ استاد دولت خان ٻبر جو هيڊ ماستر ٿيڻ بہ، ڪيس چٽي طرح ياد آهي. هو پنهنجي استادن جو نالو وٺندي احترام جي جذبي ۾ گم ٿي وڃي ٿو ۽ ڪنڌ حضور ۾ جهڪي وڃيس ٿو.

## پٽڪي بجاءِ مٽڪي کي ڪٽڻ

استاد منصور علي سيال، شهر جي جامع مسجد ۾ قرآن شريف جي تعليم ڏيندو هو، هو بہ ان وٽ پڙهڻ ويندو هو. "اڃا شروعات هئي تہ مونکي چڱي ريت سنڌي ڪونہ ايندي

هئي، هڪ پيرو سائين منصور مون کي چيو تہ وچ منهنجو پٽڪو ڪٽي آ، ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ سائين ڇا پيو چئي، ٻاهر نڪتس تہ سامهون مَٿُ نظر آيو جنهن کي اردو ۾ مَٽڪُو چوندا آهن، مان هڪدم اهو مَٽُ ڪٽي سائين جي اڳيان اچي رکيو، ڪجهہ دير ۾ سائين ۽ ٻار کلڻ لڳا، مان شرمندگي محسوس ڪئي شايد غلط ڪم ڪري ويٺو هئس! پر پوءِ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ڪهڙو غلط ڪم ڪيو آهي، آخر سائين سڏ ڪري پنهنجي پرسان ويهاريو ۽ سمجهايائين تہ توکي مٽکي نہ پر پٽڪي جو چيو هئم جنهن کي اردو ۾ پگڙي چئبو آهي!"

# شينهن جي سواري

"منهنجي ننڍپڻ جا ڏينهن ڏاڍا خوبصورت ڏينهن، ڪاش ڪو انهن کي موٽائي سگهي." هي مشهور اردو گانو هو، جنهن جو مان سنڌيءَ ۾ ترجمو لکيو آهي، بابوُ صاحب جو ٻاروتڻ بہ يقينن اهڙوئي خوبصورت هوندو. پنهنجي ننڍپڻ جي يادين بابت هو چئي ٿو تہ: "ننڍپڻ ڪنهن کان وسرندو؟ جيسين ماڻهو جيئرو آهي، تيسين اهي يادون توهان ساڻ هلنديون، تان جو هڪ ڏينهن ماڻهو آرام سان قبر ۾ گهڙي سمهي پوندو! ڊاڪٽر سڪندر چني جي گهٽيءَ ۾ منهنجي دوستن جو گهر هو، محمد اشرف راول کي شهر وارا چڱي ريت سڃاڻين ٿا، اهو گهر جيڪو سڄي شهر ۾ مشهور آهي تہ ان جي مٿان بہ شينهن نهيل آهن، مون کي هڪ ڏينهن شوق ٿيو تہ انهن شينهن جي سواري ڪجي، دل ٻڌي مٿي چڙهي ويس پر توبهن اهي اصل شينهن وانگي خطرناڪ هئا، ذري گهٽ ڪريو هئم، الائي ڪيئن بچيس، جيڪڏهن ڪران ها تہ اڄ موجود نہ هجان ها!

## دوست ملڪيت هوندا آهن

منهنجن دوستن ۾ ذوالفقار راول شامل هو جنهن کي ڦندو چوندا هئا، ان ڪانسواءِ سرفراز راول، اظهر چوهدري شاه محمد جو پٽ، جيڪي بعد ۾ لڏي ويا. انهن جي جاءِ ڊاڪٽر چني خريد ڪئي هئي، مونسان ڪجهہ راجپوت ڇوڪرا بہ پڙهيا، جن ۾ محمد انور ۽ جميل ياد آهن، جميل گذاري ويو، هو شام جو سئنيما تي پيءُ سان گڏ پڪوڙا ڪپائيندو هو. بابوُ ذوالفقار بہ مون سان گڏ پڙهيو آهي، اختر خانزاده جيڪو واپڊا ۾ هو اهو بہ گڏ پڙهيو ۽ محمد رفيق خانزاده، جيڪو مليريا جي ٽيسٽ ڪندو هو ۽ هاڻي دنيا ۾ ناهي رهيو. منهنجو دوست جنهن سان هاڻي بہ اوتري ئي محبت ۽ عقيدت آهي، سائين استاد محمد ملوڪ مستوئي منهنجو ياءُ، جنهن جي سنگت تي سدائين فخر رهيو آهي."

"دليپوٽن مان شوڪت راجپوت، سرور راجپوت، شاهنواز سهتو ۽ قربان مگّهار منهنجي دوستن ۾ شامل هئا. جن جون بہ مون وٽ ڪيتريون ئي يادون محفوظ آهن."

## چار آنا ٽڪيٽ

هو ٻڌائي ٿو تہ ”هڪ پيري ٽاڪيز ۾ رئيس نالي هڪ پنجابي همراھہ مئنيجر ٿي آيو، جنهن تمام گهڻيون فلمون هلايون، ان دور ۾ سائين مراد علي شاھ جي نور محل سئنيما جو بہ عروج هو، ٻنهي وچ ۾ ڪامپيٽيشن ٿي ويو، نتيجي ۾ ٽڪيٽ جي قيمت ۾ گهٽتائي ٿي، پهرين ٽڪيٽ جيڪا ٻارهن آنا عام ۽ پنج روپيا گيلري جي هئي، اها هاڻي چار آنا ٿي وئي، جنهن جي مرضي جتي ويهي گيلري بہ ان ۾ اچي وئي، ٻنهي سئنيمائن تي ايتري تہ رش هوندي هئي جو ٽڪيٽ نہ ملي سگهندي هئي، ڪجھ فلمون تہ اهڙيون بہ هيون جيڪي گڏ نمائش لاءِ پيش ٿيون، جن مان هڪ فلم ’اوچا نام پيار دا‘ مونکي ياد آهي. ٺاروشاھ ۾ سئنيمائن جو ايترو تہ عروج هو جو پري پري کان ماڻهو هتي فلمون ڏسڻ ايندا هئا، کرونڊي، پريا روڊ کان بسون ۽ ڪنڊياري، منياڻي، دليپوٽا کان سوزوڪيون پرچي ايندڀون هيون. ڪڏهن جنڪشن تي بہ ريلوي وارا مشين ڪٽي ايندا هئا، جنهن تي پڻ فلمون ڏسندا هئاسين.

## سبزي منڊي ۾ مزدوري

منهنجو ڀاءُ محمد اقبال سبزي منڊي ۾ ٽماٽن جو واپار ڪندو هو، هن جي پارٽنرشپ ۾مرحوم عبدالڪبير خانزاده شامل هو. روزانہ سبزي منڊي مان ٽماٽن جون انٺ ڪان نوَن ٽرڪون نڪرنديون هيون، مان اتي مزدوري ڪندو هئس، خاص ڪري پيٽيون ٺاهيندو هئس، في پيٽي تي مونکي 25 پئسا ملندا هئا، رات جو ٽرڪون لوڊ بہ ڪندو هئس، تڏهن جي يادگيرين ۾ چاچو ننگر سولنگي، الله بخش سولنگي ۽ وڏيرو محمد صالح ڏهراج شامل آهن، جيڪي بہ منڊيءَ جا وڏا واپاري هئا. موجوده گوشت مارڪيٽ اندر هوندو هو، سامهون منڊي هوندي هئي، هڪ پاسي سبزي تہ ٻئي پاسي گوشت مارڪيٽ، هڪ سهڻو ڏيک ڏيندا هئا.“

## ڏهن منٽن ۾ مڇڻ پهچڻ

”منهنجي پسند جي راند ڪرڪيٽ هئي، مئچون ڪيڏڻ لاءِ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ ويندا هئاسين، جنهن ڪانپوءِ فوٽ بال بہ گهڻي ڪيڏي، گهڻو شوق سائڪلنگ تي هو، تيز سائيڪل هلائڻ جنون ۾ شامل هو، روڊ تي موٽر سائيڪلن سان رفتار ۾ مقابلو ڪندو هئس، هڪ ڀيرو درياھ گهمڻ مڇڻ وڃڻ ٿيو، پورن ڏهن منٽن ۾ ٺاروشاھ کان مڇڻ پهتس!“

## ادا ايوب جي دوڪان تي ويهڻ

“اسڪول ٽائيم ڪانپوءِ ادا ايوب جي دوڪان تي ويهندو هئس، ادا جو جوڙ سردار خانزاده، فتح محمد خانزاده، عمر دراز خانزاده، سائين عبدالڪريم، اقبال خانزاده سروس وارو، سليم واپڊا وارو، ادا فوجدار خانزاده ۽ بخشل ميمڻ سان هوندو هو، جيڪي هر سال پاڪستان ٽوئر تي ويندا هئا، پويان دوڪان مان سنڀاليندو هئس. ان دور ۾ ادا ايوب پهريون ڀيرو ٺاروشاهہ ۾ بہ وي.سي.آرون آنديون، بلڪل نئين شيءِ هئي، جنهن تي گڏجي فلمون ڏسندا هئا.”

## هاءِ اسڪول ۾ ڊرامہ

هاءِ اسڪول ۾ روز ڊرامہ ٿيندا هئا، بابوُ صاحب کي اڄ بہ ڊرامہ هال ۾ پيش ٿيل ڊرامہ ياد آهن، هو ٻڌائي ٿو تہ “اتي فلمون بہ ڏيکاريون وينديون هيون، اسڪول ۾ مشين پيل هوندي هئي بس خاص ڏينهن تي ڊرامہ هال ۾ پردو هڻي اسان جي تفريح جو بندوبست ڪيو ويندو هو.”

## اسڪول هاسٽل جون رونقون

“اهو دور هو جڏهن ، ان دور ۾ هاءِ اسڪول جي هاسٽل ۾ سڄي ضلعي جا شاگرد رهندا هئا. شام جي وقت هاءِ اسڪول گرائونڊ تي ميلي جو منظر هوندو هو ۽ پوءِ اهي ڏينهن ڪيئن ٿا وسري سگهن جڏهن شام جي ٽائيم ۾ سائين الياس اسان کي فوٽ بال کيڏائيندو هو! اها راند ڏاڍي زبردست هئي، سياري جي وقت بہ اسان پگهر ۾ شل ٿي ويندا هئاسين، سائين الياس اڪثر هڪ لفظ اچاريندو هو ‘لِو اِٽ’ جيڪو اڄ بہ ياد آهي. هو ٻڌائي ٿو تہ استاد الياس فوٽبال جو سٺو رانديگر هو. جڏهن تہ ٻين رانديگرن ۾ رمضان چوهاڻ ياد آهي، هو هڪ ئي وقت ڪرڪيٽ، فوٽبال جو بهترين رانديگر تہ ڊوڙ ۾ سڄي شهر ۾ هن سان ڪير مقابلو نہ ڪري سگهندو هو، عرفان علي چوهاڻ سندس پٽ هن وقت نيشنل بينڪ ۾ ڪم ڪري پيو.”

## اسڪول جا استاد

هن جي هاءِ اسڪول جون يادون بہ شاندار آهن، جتي استاد صدرالدين وسطڙو، استاد عبدالقيوم وسطڙو هن کي ياد آهن تہ سندس ڪان انين ڪلاس جو استاد ممتاز مولهڻ بہ ناهي وسريو، جنهن جي شخصيت ڪان تمام گهڻو متاثر هو. هن ٻڌايو تہ شهر جا استاد الهندو

ميمڻ ۽ محمد عثمان ميمڻ وٽ بہ هن تعليم حاصل ڪئي، جڏهن تہ ڊرائينگ استاد غلام سرور سومري صاحب کان سکي، هو استاد غلام سرور بابت ٻڌائي ٿو تہ هو طبيعت جو تمام گهڻو سخت هو، هن وقت سائين جو فرزند منصور احمد سومرو منهنجو بہ دوست آهي ۽ ڪراچي ۾ ڪيرئير ڪائونسلنگ بابت ڪم ڪري پيو.

بابوُ صاحب جي دور ۾ هاءِ اسڪول جو هيڊماستر سائين احمد خان هيسباڻي هو، "بس ان جهڙا استاد هاڻي اچڻا ناهن، ٻين استادن ۾ سائين اسماعيل سولنگي سائنس پڙهائيندو هو ۽ بہ پي ٽي ماسٽر اوصاف علي ۽ محمد يوسف خانزاده اسان کي تمام سٺي ڊرل ڪرائيندا هئا، هاءِ اسڪول جو هيڊ ماسٽر غلام قادر سومرو بہ شهر يا ائين سمجهو ساهتي پرڳڻي جو بهترين استاد هو. مان موڪل جو بيل وڄائيندو هئس، وڏي مستي هوندي هئي، ڪڏهن ڪڏهن تہ ٽائيم کان اڳ بيل هڻي ڇڏيندو هئم، هڪ ڀيري سائين سومري صاحب ان ڳالهہ تان مار بہ ڪڍي!"

"محمد صديق چنو زراعت جو استاد هو، ذهين جماعت ۾ استاد قاضي رحمت الله اڄڻ ۽ استاد بخشل بالادي مونکي مانيٽر ڪري رکيو، تڏهن مان سنڌي ميڊيم پڙهندو هئس. استاد محمد ايوب سومرو بي ڪلاس پڙهائيندو هو."

"منهنجي سانير ۾ هيڊماسٽر سائين دوست محمد ميمڻ جون تعليم لاءِ خدمتون لازوال آهن، هو جناح ڪيپ پائيندو هو، رٽائرمنٽ ڪانپوءِ گهروارن سان ايران ۽ عراق جي ملڪن ڏانهن زيارتن تي ويو، خير سان موٽي بہ آيو، جنهن ڪانپوءِ جو گم ٿيو، اڄ تائين ان جي خبر نہ پئجي سگهي!"

" ٻيو اسان جي خانزادن ۾ سائين نور بهترين معلم هو، جيڪو اردو اسڪول ۾ استاد هو، هن جو پٽ ظفر خانزاده پي ٽي وي ۾ ايڊمن آفيسر آهي. استاد محمد اڪرم، محمد اسلم، غلام سرور ۽ محمد يونس خانزاده جو والد صاحب استاد نور محمد خانزاده بہ مونکي پڙهايو، مان هن کي ياد هوندو هئس، ڪڏهن جي گهٽي ۾ ملي ويندو هو تہ نالي سان سڏ ڪري چوندو هو: اسلم مونکي مشين تي چڙهي اچ."

## انهن جا احسان آهن

جيڪڏهن ڪو ماڻهو صدقِ دل سان ڪنهن جو احسان مڃي ٿو، مطلب اهو شخص وفادار آهي ۽ وري ان ماڻهو جو ڇا چئجي جيڪو پنهنجي زندگيءَ جي ڪل موڙي پنهنجن استادن کي سمجهي؛ بابوُ صاحب بہ انهن ماڻهن منجهہ شامل آهي، جيڪي پنهنجي محسن استادن جو ذڪر ڪندي پورا نہ ٿا پون. هن جي يادگيرين ۾ استاد محمد رمضان وڳڻ، استاد عبدالحق سومرو، استاد محمد عثمان خانزاده نوشهري وارو، ساهتي پرڳڻي جو ناميارو اديب عالم مؤرخ استاد سميع الوري، محمد بشير خانزاده، محمد حنيف خانزاده عبدالغفار آرائين

شامل آهن، جڏهن تہ هاءِ اسڪول جي هيڊمسٽريس محترمہ ياسمين جو نالو هو احترام سان ورتي ٿو. بقول بابوُ صاحب جي تہ ان هيڊمسٽريس جي اڇڻ سان نياڻين جي تعليم کي فروغ مليو آهي. شهر جي ٻي تعليمي ماهر آپا آمنت ميمڻ جي لاءِ بہ بابوُ صاحب وٽ احترام آهي. هو آپا عذرا کي بہ ساري ٿو، جيڪا سندس نياڻين جي ٽيچر رهي آهي.

## رولاڪيون

هر ماڻهو جي زندگيءَ ۾ ڪجهہ رولاڪيون شامل هونديون آهن، بابوُ صاحب بہ انهن کان نہ بچي سگهيو، هن وٽ پنهنجي رولاڪين بابت دلچسپ يادگيريون آهن، جنهن مان هڪ توهان سان بہ ونڊ ڪجي ٿي، هن ٻڌايو تہ: ”هڪ ڏينهن رولاڪين سبب وڏي ڀاءُ محمد ايوب ڪاوڙ ۾ ڏاڍي مار ڪڍي، مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو، احتجاج طور گهر ڇڏڻ جو فيصلو ڪيم، اها تڏهن جي ڳالهہ آهي جڏهن مئٽرڪ پاس ڪئي هئي، ادا ايوب جي مار کانپوءِ گهر وڃڻ بجاءِ پنڌ ئي پنڌ سڌو نوشهري فيروز ڏانهن رخ ڪيو، نوشهري ٻاهران لُنڊن جي ڳوٺ پهتس، جتي ڪجهہ دير ترسي اتان بہ اڳين منزل ڏانهن پنڌ ئي روانو ٿيس. هاڻي مان سڌوجا پرسان ڳوٺ گل محمد مبيجو پهتس، جتي پهچي وڏيري جي اوطاق جي پچا ڪئي، جتي مونکي رهڻو هو. مبيجن جي مهمانوازي ۽ سخاوت بابت مونکي اڳي ئي ڄاڻ هئي، شام ڌاري وڏيرو گل محمد پاڻ اوطاق تي آيو، ان سان ملاقات ٿي ۽ عرض ڪيم تہ پري جو مسافر آهيان، ڪجهہ ڏينهن ترسندس، وڏيري مون ڏانهن نهاري چيو توهان جيترا بہ ڏينهن رهڻ چاهيو هيءَ اوطاق پنهنجو گهر سمجهي رهي سگهو ٿا. هاڻي مان ڏينهن جو مزدوري ڪندو هئس شام جو اوطاق تي اچي رهندو هئس، مزدوري بہ چا هئي، ڳڌهن تي واري ڍوئيندو هئس؛ جسم ۾ زبرو هئس، مزدوري منهنجي لاءِ ڪوبہ مسئلو نہ هئي، رات جو ڳوٺاڻا ۽ ٻيا ڪافي پري پري جا مون جهڙا مسافر ان جاءِ تي ڪڏ ٽيندا هئا. هڪ ڀيري اتان جي هڪ ڳوٺاڻي وڏيري کي چيو تہ بابوُ سنو ڳائيندو آهي ان کان ڪلام ٻڌو، مان وڏيري جي چوڻ تي ڪلام:

**دل تيري ياد ۾ جب بہ گهبرائي گا، ڪون يادون ڪو زنجير پهنائي گا.**

ڳايو، جيڪو وڏيري سميت سيني کي تمام گهڻو پسند آيو، مونکي ڳوٺان نڪتي هڪ مهيني کان وڌيڪ عرصو ٿي ويو هو، پنهنجي جهان ۾ گم هئس، ڏينهن جو مزدوري رات جو ڪچهريون ڪلام، ڊاڙا نڪاءَ پويان جي ڳُٽتي ئي ڪونہ هئي! جڏهن واپس آيس تہ خبر پئي مائٽن منهنجي نالي جي فار ڪيرائي آهي، هڪ پنهنجي مرشد سائين عبدالجليل کان ٻي سائين احمد شاه بخاريءَ کان ٻنهي فارن ۾اهو لکجي آيو هو تہ توهان جو ڇوڪرو هن ئي علائقي ۾ رهيل ۽ زنده آهي.

مون وٽ ڪپڙا نہ هئا، بس جيڪو وڳو گهران پائي نڪتو هئس سو ئي رات جو ڌوئي ڏينهن جو استعمال ڪندو هئس. هڪ ڏينهن ڪپڙا ونڻ لاءِ موري وڃڻ ٿيو، جتي ٿاروشاه جو

علي نواز پاتو مليو، جنهن سان ڳوٺ بابت ڪچهري ٿي، خير سان موٽي وڏيري جي اوطاق تي پهتس، ٻئي ڏينهن مزدوري تي وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هئس تہ بابي ۽ چاچي وارا پهچي ويا، انهن کي ڏسي ڊڄي ويس تہ مونکي وري ماريندا! وڏيري کي چيم تہ مان انهن سان گڏ نہ ويندس، ان وچ ۾ وڏيري گل محمد کي خبر پئي تہ مان ٺاروشاه جو خانزاده آهيان، هن مون کي پنهنجي پرسان ويهاري سمجهايو تہ تنهنجي امڙ پريشان هوندي، ڏس تنهنجو بابا بہ آيو آهي. هنن سان گڏ وڃ باقي جي توکي وري مارين تہ مون وٽ موٽي اچجان، مان بہ تنهنجي پيءُ جهڙو آهيان. بابي وارن کي چيائين تہ هاڻي هي منهنجو بہ پٽ آهي، جي توهان هن کي ڪجهہ چيو تہ مان پاڻ اچي هن کي توهان وٽان وٺي پاڻ سان گڏ رهائيندس، اهڙي طرح مان هڪ ڀيرو ٻيهر ٺاروشاه موٽي آيس.”

## منهنجا ڀائر ۽ ڀيڻ

“اسان پاڻ ۾ چار ڀائر هئاسين، هڪ محمد ادريس جيڪو ننڍڙي هوندي هندستان ۾ ئي گذاري ويو، امان ٻڌائيندي هئي تہ ڏاڍو سهڻو نينگر هو، هن کي نظر لڳي وئي، باقين ۾ محمد ايوب بہ گذاري ويو آهي، جڏهن تہ ادا محمد اقبال حال حيات آهن، هڪ ڀيڻ آهي، جيڪا ٺاروشاه جي محسن چئرمين عبدالرحمان خانزاده جي فرزند فوجدار خان جي گهر ۾ آهي،

مون پنهنجي زندگيءَ ۾ پهرين شادي پنهنجي ڀيڻ جي ڏٺي، ياد آهي تہ هاءِ اسڪول جي گرائونڊ ۾ شاميانہ هڻي وڏو پنڊال ٺاهيو ويو هو، لاڳاتار ٽي ڏينهن اديءَ جي شادي جون تقريبون هليون، جنهن جاءِ تي آتش بازي ڪئي وئي، اتي هاڻي منهجو گهر آهي. هڪ ڳالهہ تہ ٻاهرين آيل مهمانن جا ڪپڙا ۽ ٻيو سامان چوري بہ ٿي ويو هو، پوءِ ادا فوجدار وارن مهمانن کي نوان ڪپڙا وٺي ڏنا، اڄ بہ جڏهن اها ڳالهہ ياد ايندي آهي تہ ڏاڍا کلندا آهيون،

## منهنجي ڦڦي

“منهنجي ڦڦي، جيڪا ڪجهہ سال اڳ گذاري وئي، ان جي شادي هندستان ۾ ٿي هن جو گهروارو فوج ۾ هو ۽ اتي شهيد ٿي ويو، جنهن ڪانپوءِ ڦڦيءَ ٻي شادي نہ ڪئي. هن جي وصيعت هئي تہ سندس گذاري وڃڻ ڪانپوءِ مڙئي ملڪيت مان هڪ مسجد تعمير ڪرائي وڃي، ڦڦي 2012ع ۾ گذاري وئي، جنهن لاءِ اسان جو ارادو آهي تہ اباجي جي درگاهہ پويان هڪ مسجد تعمير ڪرايون. ڦڦي گهر ۾ قرآن شريف جي تعليم ڏيندي هئي، هوءَ تهجدگذار عورت هئي، اسان جي گهر جي مٿان ڇپر ڇانو، جنهن جي گذاري وڃڻ جو ارمان آهي.”

# چاچو عباس باغي

“عباس باغي اسان جي خاندان ۾ تمام وڏو ماڻهو ٿي گذريو آهي، شهر جا ماڻهو هن بابت چڱي ريت ڄاڻن ٿا. هو منهنجو چاچو هو، سياست جي ميدان ۾ وڏو ڪردار بهادر، جرئت وارو، هن ڪي پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ذوالفقار علي ڀٽي سان عشق هو، ڀٽو صاحب هڪ ڀيرو هن جي دعوت تي ٿاروشاه آيو هو، هن سان گڏ سنڌيءَ جو بهترين شاعر طالب المولیٰ بہ ساڻ هو، تڏهن مونکي ياد آهي تہ پراڻي يو.بي.ايل پرسان جتي هاڻي رئيس رمضان عالماڻيءَ جي جاءِ آهي، اتي خالي پلاٽ هو جتي وڏو جلسو ٿيو، جنهن ۾ ڀُٽي صاحب خطاب ڪيو ان جلسي ۾ منهنجي چاچي عباس باغي بہ تقرير ڪئي هو هن جي تقرير ۾ پڙهيل هڪ شعر جي پهرين سٽ اڃا ياد آهي.”

**وه هم نشين جس کي تلاش ٿي، وه آج هم کو مل گيا**

“عباس باغي، لتا ۽ مڪيش جي ڳائڻ جو شيدائي هو، هو مٽي ڇت تي ٽيپ رڪارڊ رکي فل آواز ۾ لتا ۽ مڪيش جا ڳانا ٻڌندو هو، هن ڪي ڏسي مونکي بہ ڳائڻ جو شوق جاڳيو، ان ڪانسواءِ عباس باغي بهترين پينٽر، ۽ فارسي ۽ اردو جو سٺو شاعر هو. ٿاروشاه ۾ پهرين ٽي وي جيڪا 25 انچن جي هئي، منهنجي چاچي آندي. هن شهر ۾ پهرين موٽرسائيڪل بہ آندي، ياد اٿم تہ جڏهن هن موٽر سائيڪل آندي هئي تہ پري پري کان ماڻهو ان گاڏيءَ کي ڏسڻ لاءِ آيا هئا!”

“عباس باغي جا ست پُٽَ حال حيات آهن، ڪمال ناصر، عدنان، تنوير، تاثير، انور، عمران ۽ محمد علي عرف اپالو جڏهن تہ هن جي خيالن جهڙو ٻيون نمبر وڏو فرزند جمال بابر جيڪو وڪالت بہ ڪندو هو، ڪجهہ سال اڳ هڪ روڊ حادثي ۾ گذاري ويو.” عباس باغي کي بہ ڇوڪريون هيون، جن مان هڪ گذاري وئي ٻي حال حيات آهي.”

“عباس باغي، پنهنجي زندگيءَ جي آخري گهڙي تائين پ پ پ ۾ شامل رهيو. ڀٽي صاحب سان هن جي عشق ۾ گهٽتائي نہ آئي. هڪ ڀيري ممتاز ڀٽو ساندن ۾ آيو ۽ اتي چيائين تہ ٿاروشاه ۾ منهنجو هڪ دوست آهي، عباس باغي اهو ڪٿي ملندو؟ ڪير ان کي اطلاع ڏئي. اها ڳالهہ ٻڌي وينل حيران ٿي ويا ۽ غمگين ٿي جواب ڏنائون تہ: “عباس باغي هن دنيا ۾ ناهي رهيو.” بابوُ صاحب ٻڌائي ٿو تہ عباس باغي جي گهرواري زنده ۽ هن جي عمر 82 ورهيہ آهي. هن وٽ اڄ بہ عباس باغي بابت گهڻيون يادگيريون آهن.” ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران هو جيل ۾ بہ ويو، تڏهن ٿاروشاه ۾ سنڌ جي ٻين شهر جيان ايم.آر.ڊي جي تحريڪ پنهنجي عروج تي هئي، جنهن جو ذڪر مان پنهنجي ڪتاب ‘ٿاروشاه 9 ڪلوميٽر’ ۾ بہ ڪيو آهي، جنهن ۾ هڪ باب ‘ٿاروشاه ۾ مارشلا’ جو مضمون هتي اتارجي ٿو.

# ٺاروشاه ۾ مارشل لا

اهو سڄي ملڪ خاص ڪري سنڌ لاءِ انتهائي ڪڙي امتحان جو دور هو، ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ سنڌ جون سموريون محروميون ماڻهن جا سينا ڦاڙي ٻاهر نڪري ايندين. "پاڪستان جو مطلب ڇا؟ ڦاهيون ڦٽڪا مارشل لا." جو نعرو هر سنڌ واسي جي زبان تي هو. هتان جي ئي ڀهڳڻي شاعر منظور سولنگي جو ڪلام

**منهن، ڇپرن، لوڙهن ۽ گهر گهر ۾ گوليون،**

**فوج پوليس ڇوي ڏاڙيل پيا ڳوليون.**

پنهنجي سيني توانائين سان عوام جي دلين ۾ گهر ڪري ويو هو، انهي سڄي لقاءَ ۾ ساهتيءَ جو هي سهڻو شهر بہ لاتعلق نہ هو، هتان جي سياسي ڪارڪنن کان وٺي عام ماڻهو تائين هر ماڻهو روڊن تي نڪتل هو.

هي اهو دور هو، جڏهن سنڌ ۾ مارشلا جي خلاف هلچل ننڍي ڪنڊ ۾ گڏريل صدي جي وڏي مان وڏي تحريڪ جو رخ اختيار ڪري ورتو هو، جنهن جي پويان مکيہ ڪارڻ سنڌي ماڻهن جي آزادي واري جبلت ۽ اهو احساس محرومي جو جذبو هو، جيڪو هنن جي محبوب اڳواڻ شهيد ذوالفقار ڀٽي جي عدالتي قتل جي صورت ۾ ظاهر ٿيو هو.

سڄي سنڌ وانگي ٺاروشاه جي ماڻهن ۾ بہ ڪروڌ جي اهڙي تہ خطرناڪ لهر پيدا ٿي وئي، جنهن کي ڏسي اهو آساني سان اندازو ڪري سگهجي پيو تہ ٺاروشاه ڄڻ باهہ جي شعلن جي ور چڙهي ويو آهي.

ٺاروشاه ۾ هڪ پاسي تہ عباس باغي جي شاعري ماڻهن ۾ نئون روح ڦوڪي رهي هئي تہ ٻئي طرف شهيد ڀٽي جا هيرا ورڪر (شهيد ڀٽي پنهنجي پارٽي جي ڪجهہ خاص ڪارڪنن کي هيرا جي نالي سان سڏيندو هو) پنهنجي ڀرپور عوامي طاقت سان گهٽين ۾ پکڙيل هئا، خانصاحب الهڏني موريي کان دليپوٽا جي ميان مولابخش پيرزادي تائين هر ڪارڪن بم ۽ گولو هو. هونءَ تہ سنڌ ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ 1983ع ۾ پنهنجا پر پکيڙيا پر ٺاروشاه ۾ هي هلچل 1979ع ۾ ئي شروع ٿي وئي، جڏهن شهيد راڻي ۽ تڏهن جي آنسہ بينظير ڀٽو ٺاروشاه ۾ نور محل سئنيما ڀرسان هڪ وڏي عوامي جلسي کي خطاب ڪري واپس وڃي رهي هئي تہ رسول آباد وٽ محترمہ کي گرفتار ڪيو ويو، ان ڳالهہ جي جڏهن ٺاروشاه واسين کي خبر پئي تہ شهر جي هر گهٽي مزاحمت جو هڪ اهڙو استعارو ٿي وئي جنهن ۾ مرڻ ۽ مارڻ ڪانسواءِ ڪا بہ ڳالهہ قبول ناهي هوندي، مطلب تہ ٺاروشاه کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ هن شهر مان ايم آر ڊي جو سلو ڦٽي نڪتو، جيڪو بعد ۾ وڏو وڻ ٿيو پوءِ انهي وڻ جي پاڙ ڪنهن ڪٽي، ٽاريون ڪنهن ڇانگهيون، ٽڙ تي وار ڪنهن ڪيو؟ اهو فيصلو تاريخ ڪري ڇڏيو آهي.

ايم.آر.ڊي (موومينٽ فار ريسٽوريشن آف ڊيموڪريسي) حقيقت ۾ ماڻهن جي انهي فرسٽريشن جو نتيجو هئي، جيڪو هو سالن کان سيني ۾ سانديو وينا هئا. ناروشاه ۾ اهو ڏينهن خالي نہ هو جڏهن هتي روزانہ جلوس نہ نڪرن، هڪ پاسي عوام جي مزاحمت پنهنجي عروج تي هئي تہ ٻئي پاسي رياست پنهنجي ڀرپور طاقت سان انهي کي بدمست هاٿي جيان پيرن ۾ لتاڙڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

ظهور ٻبر کي ڪوڙن جي سزا آئي، خانصاحب الهڏنو موريو، عباس باغي، قربان ڏهراج، عبدالقيوم ڏهراج، امجد پناڻ، رمضان مڪراني،عبدالله منگي، ارباب وگڻ، ملوڪ جانوري، فيض محمد پهنور، الاهي بخش پيرزاده، علي گوهر پهنور، زنوار ولي محمد پهنور، نبن خان مستوئي، الهہ بچايو مستوئي، محرم جانوري، محمد عمر چنا ۽ محمد خان مسرور پنائي سميت سون جي انگ ۾ گرفتاريون ٿيون؛ مطلب تہ ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ ناروشاه واسين جو ڪردار آزادي جي انهن سپاهين وانگي هيو، جيڪي جنگ جي ڀهرين محاذ تي دشمن سان مهاڏو اٽڪائيندا آهن.”

(مضمون پورو ٿيو)

بابوُ صاحب جي يادين ۾ عباس باغي هڪ آئيڊل انسان آهي، جنهن کي ڏسي ماڻهو زندگيءَ جا گهڻا رنگ ڍنگ سکي سگهي ٿو. عباس باغي سال 1996ع ۾ گذاري ويو، هي اهو زمانو هو جنهن ۾ بابوُ صاحب فوج ۾ هو.

## شاعر الياس بزمي

“اسان جي خاندان ۾ عباس باغي کانسواءِ منهنجو ٻيو چاچو الياس بزمي بہ منهنجي لاءِ رول ماڊل رهيو آهي. هو ايڪسائيز ڊيپارٽمنٽ ۾ انسپيڪٽر هو، نهايت آدرشي انسان، مان پنهنجي هن چاچي لاءِ اها ڳالهہ ساک سان چئي سگهان ٿو تہ ڪڏهن هڪ روپيو بہ رشوت جو نہ ورتائين، هتئين جيڪو ماڻهو رشوت جا پئسا وٺندو هو تہ ان کي روڪيندو هو. چاچي الياس بزمي بہ شاديون ڪيون، ڀهرين مان ڪوبہ اولاد نہ ٿيس، ٻي شادي مظفر ڳڙه مان ڪيائين جنهن مان تي پٽ ۽ هڪ نياٽي اٿس. ٽئي پٽ ماشاآلله انجنئير ۽ نياٽي ڊاڪٽر آهي، چاچا الياس بزمي، اردو ۽ فارسي جو سنو شاعر هو.”

## گا ميري منوا گاتا جا ري

“اسان جو ڀفڙ نور محمد عرف ڇجو بہ منهنجي يادين ۾ محفوظ آهي، هن جي سائين گل حسن تيوٽي، سيد نذير شاه سان دوستي هئي، هنن جي شهر جي سوئي گيس لاءِ وڏي

جھدوجھد آهي. هو مونکي پيار مان رنگيلو چوندو هو اڪثر مونکي چوندو هو تہ ڪلام ٻڌاءِ مان هن کي ٻڌائيندو هئس.

**گا ميري منوا گاتا جا ري، جانا هئي هم ڪا دور**

## ادا فوجدار ۽ ادي

“منهنجي ڀيڻ ادا فوجدار جي گهرواري منهنجي ماءُ جيان آهي، منهنجوگهڻو خيال ڪرڻ واري. زندگيءَ ۾ هن جا مون مٿان تمام گهڻا احسان آهن. مونکي 10 زندگيون بہ ملن تہ ادا فوجدار ۽ پنهنجي ڀيڻ جا احسان نہ لاهي سگهندس. منهنجا ڀاڻج محمد طفيل، جيڪو گل احمد ٽيڪسٽائيل ۾ جي ايم آهي، ٻيو ڊاڪٽر شڪيل، سعودي ۾ رهي ٿو، جڏهن تہ راحيل، ڊاوُلينس ريفريجريٽرس صوبي جو ڊسٽيبيوٽر آهي، هن منهنجي چوڻ تي ٺاروشاه جي ڪجهہ ماڻهن کي روزگار سان بہ لڳايو آهي.

## هولي ۽ ڏياريءَ جا جلوس

بابوُ صاحب وٽ پنهنجي گهٽيءَ جون شاندار يادون آهن. هو ٻڌائي ٿو تہ “اسان جي گهر ڀرسان مندر هو، جتي هر سال هوليءَ ۽ ڏياريءَ جا ڏڻ ملهايا ويندي هئا، اسان بہ جلوس سان گڏ هلندا هئاسين، جلوس جي اڳواڻي گهڻو ڪري گيهو مل صوبيدار ڪندو هو. تڏهن هتي هندو_مسلمان واري گهڻي نفرت نہ هئي جيڪا اسان جي شهر ۾ هاڻي بہ نہ هئڻ جي برابر آهي، انهن ڏڻن جا جلوس مندر مان نڪري ٽائون ڪاميٽي واري رستي کان ٿي بخاري روڊ تان شاهي بازار کان ڦري موتي مندر تي پڄاڻي ڪندا هئا.”

“سچ تہ اهي ڏاڍا دل فريب منظر هوندا هئا، تصور بہ نہ هو تہ ڪو لوفرپائي ڪري سگهي، بس پوءِ دور مٽيو ۽ 1970ع کانپوءِ جلوس نہ نڪتا، ڇو جو لوفر ۽ بدڪردار ماڻهو جلوس ۾ شامل عورتن سان نازيبا حرڪتون ڪندا هئا ۽ پوءِ اهي پروگرام مندر تائين محدود ٿي ويا.”

## ڄنگهہ ڀڄڻ ۽ عارب ڪنير

“خير مون کان اهي ڏينهن اڄ بہ ناهن وسري سگهيا، پنهنجي گهٽيءَ ۾ خوب رانديون ڪيڏيون، خاص ڪري ڀتين تي چڙهي ٽپ ڏيڻ منهنجو محبوب شغل هو، هڪ ڏينهن مندر ڀرسان هڪ جاءِ جيڪا هاڻي چاچي وارن جو واڙو آهي تان ٽپ ڏيندي منهنجي ٽنگ ڀڄي پئي، پوءِ شهر ۾ هن وقت جتي منير پرٽ جو دوڪان آهي، اتي عارب ڪنير جي هوٽل هوندي

هئي بابي وارا اتي ڪٽي ويا، عارب ڪنير منهنجو علاج ڪيو ۽ ڪجهہ ڏينهن ۾ منهنجي ڄنگهہ پنهنجي جاءِ تي اچي وئي.“

## ٺاروشاه ۾ سڪونت جي چونڊ

هر ماڻهو ڪي پنهنجو وطن، پنهنجو علائقو، پنهنجو شهر يا ڳوٺ وٽندو آهي، ان ڪان دوري جيءُ جهوري وجهندي آهي، چاڪاڻ تہ بابوُ صاحب جي وڏڙن اهو درد سنو هو، ان ڪري هن جي رت ست ۾ انهيءَ ڳالهہ جو وڏيڪ احساس شامل آهي. ناروشاه ۾ اچي رهائش پذير ٿيڻ بابت بہ هن وٽ دليل ۽ تاريخ آهي، هو ٻڌائي ٿو تہ هن جا وڏڙا جڏهن انديا مان ٺاروشاه آيا تہ هتي هنن ڪي هن شهر جي پاٽيءَ ۽ هوا پاڻ ڏانهن ڇڪيو، ان ڪانسواءِ شهر جي چوڌاري نارنگين، ليمن، مالٽن جا وڏا عاليشان باغ هئا، ناروشاه ۾ رهڻ جو وڏو سک تہ هتي لائيٽ هئي، جيڪا ان دور ۾ وڏي نعمت سمجهي ويندي هئي.

## فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ

“هڪ ڀيرو دوڪان تي وينو هئس تہ پڙهو آيو تہ نوشهري فيروز ۾ نول گهوٽ جي ميلي ۾ فوج جي ڀرتي آهي، خيال ٿيو تہ چونہ فوج ۾ ڀرتي ٿيان، دليپوٽن واري پنهنجي دوست قربان مگٽهار کي ٻڌايم، هن ٺوڪ ڪئي تہ تون وري ڪهڙو فوج ۾ ويندين!؟ چيومانس ٺيڪ آهي پوءِ گڏجي هلجان جي توکي اعتبار نہ ٿو اچي. اها سال 1982ع جي ڳالهہ آهي، 24 آگسٽ تي ميلي ۾ لڳل فوجي ڪئمپ تي پهتاسين، ڪئمپ تي هڪ ميجر ٻيو ڪئپٽن مليا، منهنجو ان دور ۾ شناختي ڪارڊ نهيل نہ هو، هنن ان ڪانسواءِ مونکي فوج ۾ ڀرتي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ قميص لاهڻ جو چيو مان قميص لاٿي، ڇاتي 33 34 بيني، قد بہ پنج فوٽ پنج انچ ٿيو، جنهن ڪانپوءِ مونکي ميڊيڪل لاءِ ڪمري ۾ وڃڻ جو چيو ويو، ان وقت مون کي ڀنگ پيتل هئي، پر عجب ڳالهہ تہ ميڊيڪل ڪندڙ کي ان جي خبر ئي نہ پئي! هن فقط ٺنگون گڏائڻ جو چيو، جنهن کي ڏسي مونکي پاس سرٽيفيڪٽ ڏنو، ٻاهر نڪتس تہ ميجر صاحب مبارڪ ڏني ۽ ساڻ 20 روپيا بہ ڏنا. قربان کي چيم تہ بہ گولڊ ليف جا پاڪيٽ وٺي اچ، هو تڪڙو ويو ۽ سگريٽ وٺي آيو، ان وچ ۾ ميجر صاحب پڇيو ڇا ڪندو آهين؟ مان هڪ پاڪيٽ ميجر صاحب کي ڏنو، هن حيرت مان سوال ٻيهر ورجايو، “جوان ڇا ڪندو آهين؟” جواب ڏنو مانس “سر ناروشاه ۾ بوٽن جو دوڪان آهي، ۽ زمينداري بہ” ميجر صاحب منهنجي ڳالهہ ٻڌي خوش ٿيو، “سر مونکي گهٽ ۾ گهٽ بورچيءَ ۾ ڀرتي نہ ڪجو، باقي توهان جي مرضي!” ميجر صاحب کي درخواست ڪيم، “ٺيڪ آهي توکي اهڙو ڪاتو ڏيون ٿا جو سڄي عمر دعائون ڪندي.” ميجر صاحب اهو چئي ڪجهہ لکندو بہ رهيو ۽ ڪجهہ دير ۾ مونکي هڪ ليٽر ڏيندي سمجهايائين تہ توکي ايس.ايم.ايس ٽريڊ هيٽ سپلائي ڪور ۾

اسٽور مين پرتي ڪجي ٿو ۽ توهان 8 ڏينهن اندر نوشهره ڪينٽ ۾ رپورٽ ڪيو، جڏهن شهر ۾ واپسي ٿي ته هل هلي ويو ته بابوُ فوج ۾ پرتي ٿيو آهي. منهنجي پرتي ٿيڻ جي ڳالهه ٻڌي شهر جي ڪجهه ٻين ڇوڪرن کي به فوج ۾ وڃڻ جو شوق ٿيو جن ۾ ڪامريڊ اعتبار خانزاده ۽ اسلم خانزاده ياد آهن، هاڻي اسان جو انگ 25 ٿي ويو، مقرر تاريخ تي جلوس جي شڪل ۾ نڪتاسين، مرشد سائين جي دعا ڪانپوءِ قافلو روانو ٿيو، پوري طرح ياد اٿم ته هڪ بجي پرياروڊ مان عوامي ايڪسپريس ۾ چڙهياسين: ان ڪان اڳ ٿاروشاه شهر جون ڪجهه يادون ته اسان کي گلن ۽ نوٽن جا هارا پارايا ويا، تنهن زماني ۾ به مون کي ڪجهه هزار ملي ويا. اهڙي طرح اسان پنجاب ۽ خيبر پختون خواه صوبن ڏانهن روانا ٿياسين، واٽ تي ڪافي دوست پنهنجي مزل تي لهندا ويا، مان به نوشهرو ڪينٽ تي لٿس، مون سان گڏ به سنڌي هئا، جن کي ڏسي آٿت ملي پئي، هڪ نوان جتوئي جو عبدالڪريم سومرو ٻيو دين محمد سولنگي موري جو هو.

## وڪٽر جان غوري

اسان جي ٽريننگ شروع نه ٿي هئي، ان ڪان اڳ اسان کي هڪ جاءِ تي مهمان ڪري رهايو ويو، مهمان خاني ۾ سيالڪوٽ جو وڪٽر جان غوري عيسائي هو، مان محسوس ڪيو ته ڪجهه ٻيا ڇوڪرا مذهب جي ڪري هن سان نفرت ڪري رهيا آهن، ميانواليءَ جا ٻه نيازي ڇوڪرا هن کي پنهنجا ٿانوَ به استعمال نه ٿا ڪرڻ ڏين، ايتري تائين جو هو پاڃي وٺڻ لاءِ دير تائين نماڻن وانگي بيٺو آهي، هڪ ڀيرو جيئن هو ماني پاڃي وٺڻ لاءِ بيٺو هو ته مان به هن جي پر ۾ وڃي بيٺس ۽ نيازين کي چيم هن کي ماني ڇو نه ٿا ڏيو؟ مونکي چوڻ لڳا ڪافر آهي، تو کي خبر ناهي ڇا؟ اها ڳالهه ٻڌي پاڻ تي ڪنٽرول نه ڪري سگهيس، بي اختيار هٿ کجي ويو، نيازيءَ کي چماٽ جو ٻڙڪو ٿي ويو، هر پاسي خاموشي ٿي وئي، ڪنهن کي به جرئت نه ٿي ته جو مون کي ڪجهه چئي سگهي، اهڙي طرح ٽريننگ ڪان اڳ منهنجو تاثر اهو پيو ته مان جهيڙيڪار آهيان ۽ سنڌي اڪثر ويڙها هوندا آهن ۽ عيسائي ڇوڪري جي به کي قدر مذهبي تعصب مان جان آجي ٿي.

## مان نه پڄندس

خيرن سان ٽريننگ شروع ٿي وئي، نوشهره جي علائقي ۾ سخت سيءُ پوندو هو، اسان پهريون ڀيرو اهڙي قسم جي موسم جو مقابلو ڪري رهيا هئاسين، هڪ فوجي ٽريننگ ٻيو سردي ڪجهه ٽڪجي پيس، اهي خبرون به پئجي رهيون هيون ته مون سان گڏ جيڪي ٿاروشاه جا ٻيا دوست فوج ۾ پرتي ٿيا، انهن مان گهڻا ڀڄي ويا آهن. ڪافي ڀيرا سوچيم ته

مان بہ گھر وڃان پر اهو سوچي پاڻ کي باز رکيم تہ مان جي پٺيان نڪتس تہ چوندا سنڌي ماڻهو ڪمزور آهن.

## تون سزا نہ ڪائيندي

هڪ ڀيري جي ڳالهہ آهي تہ رات جو سير سفر ڪري جڳهہ ۾ موٽي آيس تہ منهنجي لاءِ اهو منظر عجيب هو، جڏهن سڀ ڇوڪرا ڄنگهون مٿي ڪري اُٺا لڳا پيا هئا! حيرت وٺي ويم، مان هال جي در تان اندر اچڻ جي اجازت گهري، جيئن ئي اندر داخل ٿيس تہ حوالدار عبدالغني پناڻ حڪم ڪيو تہ مان بہ ساڳي پوزيشن ۾ هليو وڃان، حڪم مڃڻ بجاءِ خاموش بيٺو رهيس، حوالدار حڪم ٻيهر ورجايو. اتي مان ڳالهايو "پر سر منهنجي غلطي تہ ٻڌايو؟" "تنهنجي ڪا بہ غلطي ناهي، پر غلطي آهي، توهانجي هال مان هڪ جوان جي چوري ٿي آهي، سزا سڀ ڪائيندا!" استاد عبدالغني ڪڙڪيدار آواز ۾ چيو پوءِ مونکي خبر پئي تہ فوج جو اهو اصول آهي تہ ڪنهن هڪ جي غلطي هڪ ڪري پر سزا سڀني کي ملندي آهي، خير مان اُٿو ٿيڻ کان انڪار ڪيو، "مون کي اهڙي سزا قبول ناهي جنهن ۾ مون غلطي نہ ڪئي هجي، جي اها ڳالهہ آهي تہ مان نوڪري ڇڏي ڏيندس." منهنجي اهڙي ريت ڳالهائڻ تي استاد حيرت ۾ مون ڏانهن ڏسندو رهيو. "ڪول جوان ڪول.......ڇا ڪندو آهين؟" هن مونسان ڳالهايو، "فوج کان اڳ پوليس ۾ هئس، اتان بہ ان روين جي ڪري نوڪري ڇڏي ۽ سر مان ڪول آهيان..." منهنجي ڳالهائڻ ڪانپوءِ استاد سڀني کي سڌو ٿيڻ جو چيو، ۽ منهنجي ويجهو اچي منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي ڳالهايائين: "جوان، تون ڪڏهن بہ سزا نہ ڪائيندي، منهنجو اهو گفتو ياد ڪجان."

## اداڪاري ڪرڻ

نوشهره سينٽر ۾ هڪ سنڌي استاد هو، محمد خان جوڻيجو وڏو قابل ان کي مون مٿي تي دلو رکي ڊرل ڪندي ڏٺو، برجستو ۽ بهادر استاد، مونکي سنڌي هجڻ جي ناتي گهڻو پيائيندو هو، ڳوٺان ٽيپ رڪارڊ ڪٽي ويو هئس، جنهن تي اڪثر نورجهان جا ڪلام ٻڌندو هئس. سينٽر ۾ ڪجهہ ڊراما بہ ڪيا، جن ۾ مونکي قلي جو ڪردار مليو، ڪجهہ پروگرام اهڙا بہ ٿيا جن ۾ مونکي ڳائڻ جو موقعو مليو. جنهن ڪري بہ سينٽر ۾ گهڻا ماڻهو خيال ڪندا هئا.

## ٻشنيءَ جي دعا

جيئن تيئن ڪري سال پورو ٿيو، ٽريننگ بہ پوري ٿي، ڏاڍي خوشي ٿي تہ هڪ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي، نہ تہ اڪثر فوجي ٽريننگ مان ڀڄي ويندا آهن. 15 ڏينهن جي

موڪل ملي، رات جو خيبر ميل ۾ سوار ٿي گوٺن ڏانهن روانا ٿياسين. پهرين اسٽيشن ٽيڪسلا آئي، پوءِ حسن ابدال، گجرات، ڪاريان، اوڪاڙه ڪراس ڪيوسين تہ هڪ سھڻو نوجوان ڇوڪرو اسان جي دٻي ۾ آيو، مونکي الائي ڇو نہ وڻيو، ڏڪو ڏيندي ڇيو ماڻس نڪري وڃ هتان نہ تنهنجو خير ناهي، هو ڊڄي ويو ۽ ٽڪڙو اسان جي دٻي مان ٻئي دٻي ۾ هليو ويو، جنهن ۾ اسان جا استاد سوار هئا، جيڪي پڻ موڪل تي پنهنجن ڳوٺن ۽ شهر ڏانهن وڃي رهيا هئا. ڪجهہ دير ۾ ئي هڪ استاد آيو جنهن ٻڌايو تہ ڪو شاهينگ هنن جا پئسا چورائي ويو آهي، مونکي الائي ڇو شڪ پيو تہ جيڪو همراهہ اسان جي دٻي ۾ آيو هو ۽ مان دڙڪا ڏئي ڪڍيو پڪ سان اهو ئي بشني آهي! ڪجهہ دوستن کي ساڻ ڪري گاڏيءَ ۾ ان کي تلاش ڪرڻ نڪري پيس، هاڻي ريل گاڏيءَ جي اڳين منزل لالا موسيٰ اسٽيشن هئي، ٽرين بيهڻ تہ اسان هن کي پليٽ فارم تي جاچڻ شروع ڪيو، ڪجهہ دير ۾ ئي ملي ويو. هن کي ڏسندي مون کي پارو چڙهي ويو، نہ ڪا هم نہ تم هڪ ٻہ ٿي چماٽون وهائي ڪڍيون ماڻس، همراهہ وائڙو ٿي ويو، ڪجهہ دير ۾ دانهون شروع ڪيائين تہ پوليس وارا پڇندا آيا ۽ پڇا ڪيائون تہ ڇو پيا همراهہ کي ماريو!؟ مون ڇيو تہ منهنجو ياءُ آهي، گهران ڪاوڙجي آيو آهي، ان ڪري مار ڪڍي ماڻس. پوليس وارا ڳالهہ تي اعتبار ڪري روانا ٿيا. ان ڇوڪري کي جنهن جي نالي شڪ هو تہ بشني آهي، پنهنجي دٻي ۾ وٺي آياسين، همراهہ هسيل هو سو بنا ڪنهن مزاحمت جي کيسي ۾ جيڪي پئسا هئس ڪڍي ڏنائين، هو چاٽي ويو هو تہ اسان فوجي آهيون تلاشيءَ ۾ هو ڪجهہ لڪائي نہ سگهندو. ان وقت حيرت ۾ ٻڏي وياسين جڏهن پئسا ڳڻياسين تہ خبر پئي 56 هزار آهن، ان دور ۾ 56 هزارن جو ذري گهٽ مطلب هاڻوڪي 56 لکن جي برابر ٿيندو، جن مان 5 هزار تہ اسان جي استادن جون پگهارون هيون، باقي 51 هزار جو فيصلو ڪرڻو هو تہ اهي ڪاڏي ڪجن. الائي ڇو انهيءَ تي رحم اچي ويو، ساٿين ۽ استادن کي ڇيو تہ مان هن کي پئسا واپس ڏيڻ چاهيان ٿو! هنن بہ منهنجي فيصلي سان اتفاق ڪيو. اهڙي ريت همراهہ کي آزاد ڪيوسين، آزادي ملڻ ڪانپوءِ هن جي خوشي ڏسڻ وٽان هئي، هو اسان جو شڪرگذار هو، هاڻي هو دوست ٿي ويو، پنهنجو تعارف ڪرايائين تہ لاهور جي بادامي باغ جو رهواسي آهي؛ ڪجهہ دير ڪچهري ڪانپوءِ ڇانهن جي صلاح ڪيائين، جيڪا قبول ڪئيسين. آخر ۾ شڪريو مڃي موڪلايائين ۽ مونکي چوڻ لڳو، مان جيئن لاهور پهچندس تہ داتا دربار تي دعا گهرندس تنهنجي پوسٽنگ لاهور ۾ ٿئي."

"ٺاروشاهہ ٻڌاسين، دوستن سان ملاقاتون ٿيون، اجا مائٽن ۽ دوستن مان دل ئي نہ ڀري هئي تہ خبر پئي موڪل ختم ٿي وئي آهي، واپسي جي ٽڪيٽ ساڻ هئي. نوشهره ڪينٽ پهچڻ ۾ دقت نہ ٿي، اتي پهچي خبر پئي تہ منهنجي پوسٽنگ لاهور ۾ ٿي وئي آهي. حيرت ۾ پئجي ويس، اهو نوجوان بشني ياد اچي ويو. اي منهنجا خدا! بيشڪ تون گنهگارن جون

دعائون بہ اگھائين ٿو! سينٽر مان مون سان گڏ منهنجا دوست جاويد پناڻ جيڪو ضلعي ڪرڪ جو رهواسي هو ۽ محمد يوسف اوڪاڙه جو وينل هو گڏ لاهور آيا. اسان جي پوسٽنگ آر اي بازار ڪينٽ ۾ ٿي، ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ جاويد سان ان ڇوڪري سان ملڻ جي خواهش جو اظهار ڪيم، هن بہ ساٿ ڏنو، اسان هن جي ڏنل ائڊريس تي پهچي وياسين، اتي پهچي خبر پئي تہ اسان وارو دوست ڪنهن ڪيس ۾ ٿاڻي تي بند آهي. هن جي پيڻ ۽ ماءُ ملي جنهن اسان کي ڊريس ۾ ڏسي مدد جو چيو، ڪجهہ ڏينهن ۾ اسان ڪجهہ دوست وردي پائي فوجي جيپ ۾ ان ٿاڻي تي پهتاسين جتي همراهہ بند هو. وردي کي ڏسي گهڻي عزت ڪئي. هن کي چيوسين تہ همراهہ کي آزاد ڪر، ايس.ايچ.او اسان جي درخواست کي موٽ ڏني اهڙي طرح پنهنجي بشني يار ساڻ هن جي گهر پهتاسين. هن ٻڌايو تہ پوليس سڀ پئسا بہ کسي ورتا آهن، غريب ٿي ويو آهي، اسان وٽ ڪجهہ پئسا هئا، مان سمجهان ٿو تہ 13 سو کن جيڪي هن کي ڏناسين. هن جي ماءُ گهڻو خيال ڪيو اتي چانهن پي واپس ڇانوڻي ۾ پهتاسين. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ ملڻ آيو ۽ اسان کي پئسا واپس ڪيائين ۽ دعائون ڏيندو روانو ٿيو. مان لاهور ۾ 8 مهينا رهيس پر ان همراهہ سان ٻيهر ملاقات نہ ٿي سگهي!"

## برف باري ڏسڻ

"لاهور ڪانپوءِ منهنجي پوسٽنگ حويليان ۾ ٿي، ڏاڍو خوبصورت شهر، وڻندڙ نظارا بس دل کي سڪون پئي آيو، ان وچ تي آپريشن سلسلي ۾ راجن پور بہ وڃڻ ٿيو، جتي بہ ڏيڍ سال رهيس وري حويليان موٽيس، اهو سال 1985ع هو، جڏهن حويليان ۾ مون پهريون ڀيرو برف باري ڏٺي! واهہ قدرت جا رنگ پسي حيران ٿيم. پاڻ جتي سال جا 10 مهينا گرمي ۾ گذاريون، جون جولاءِ جا مهينا پاڻ کي لوساٽي ڇڏن اتي حويليان جي موسم وري مٿان برف باري ڄڻ روح کي تازو ڪري ڇڏيو، حويليان پاڪستان جو آخري ريلوي اسٽيشن آهي."

## شاديءَ جو نياپو ۽ سزا کان بچڻ

"حويليان ڪانپوءِ منهنجي پوسٽنگ ڪراچي ۾ ٿي، پي.اين شفا ۽ ڪينٽ اسٽيشن پرسان اسان جي رهائش هئي. اهو پهريون ڀيرو هو جو ادا ايوب مونسان ملڻ ڪراچي آيو، هن سان گڏ ڊاڪٽر ارشاد راول جو پٽ امجد ۽ نذير سومرو هوٽل وارو جنهن جي جامع مسجد پرسان هوٽل آهي هئا، ڏاڍي خوشي ٿي، ادا ايوب چيو تہ مونکي امان موڪليو آهي، تنهنجي شادي طئي ڪئي اٿئون انڪار نہ ڪجان، شادي جو ٻڌي دل ۾ شهنائي وڄي وئي، ادا وارن جي وڃڻ ڪانپوءِ 4 ڏينهن موڪل وٺي گهر آيس. شايد وڏي عيد يا جنهن کي پاڻ قربانيءَ جي عيد چوندا آهيون سا هئي، ناروشاهہ پهچڻ شرط بخار ٿي ويو، ڄڻ منهنجو انتظار ڪري رهيو هجي. واپس ڪراچي ٽيليگرام ڪيم تہ بيمار آهيان موڪل وڌائي وڃي. اهڙي ريت 7 ڏينهن

ٻيا ٻه گذري ويا، ان وچ ۾ ٽپالي شهر ۾ اسلم نالي همراھ کي ڳوليندو رهيو، ڇو جو مان ته شهر جو بابوُ هئس، آخر هن کي خبر پئي ته ايوب بوٽن واري جي ياءُ جو نالو به اسلم آهي ۽ اهو فوج ۾ آهي، جنهن کانپوءِ هو مون وٽ پهتو ۽ ليٽر ڏنائين جنهن ۾ لکيل هو ته جلدي هيڊ ڪوارٽر رپورٽ ڪيان، ڇاڪاڻ ته منهنجي موڪل منظور نه ٿي هئي.“

## هڪ پاسي شيرو ٻئي طرف مهربان

”ٻئي ڏينهن صبح جو ڊيوٽي جوائن ڪرڻ لاءِ ڪراچي روانو ٿيس، اتي شيرو نالي حوالدار جيڪو ڪمپنيءَ ۾ سخت مزاجي ۽ جهيڙن جي ڪري مشهور هو سو مليو، جنهن ٻڌايو ته تنهنجي صبح جو پيشي آهي، تيار ٿي، توکي سخت کان سخت سزا ڏياربي. مان ڪوڙو نه هئس نه ڪي بي ايمان جو هن جي دڙڪن کان ڊڄان، صبح جو تيار ٿي، ڪرنل صاحب جي سامهون پيش ٿيس، اتي مهربان نالي هڪ صوبيدار هو جيڪو پنهنجي نالي جيان مهربان هو. سچ چوندا آهن ته انسانن تي نالن جو اثر ٿيندو آهي، هڪ پاسي شيرو ته ٻئي پاسي مهربان.......مان وچ ۾... سامهون در کليو آرڊر ٿيو ته اندر وڃو، بنا ڏڙڪ ڪمري ۾ داخل ٿيس. سليوٽ ڪري سامهون بيٺس. ڪرنل صاحب ليٽ اچڻ جو سبب پڇيو، اعتماد سان جواب ڏنو مانس ته سر بيمار هئس، منهنجي حالت مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ڪرنل صاحب مطمئن نه ٿيو، چوڻ لڳو توکي ڪهڙي سزا ڏجي؟ مان حق تي هئس، ڪوڙو نه هئس، چيو مانس سر مونکي 45 48 هيٺ سزا ڏيو! (اصل ۾ 45 48 هڪ قانون آهي جنهن ۾ فوجين کي جبري رٽائر ڪري بنا ڪنهن مراعت مطلب پينشن جي گهر موڪليو ويندو آهي) ڇو جو مان سنڌي آهيان، سنڌين کي اها سزا ملڻ گهرجي! اهڙي ريت ڳالهائڻ تي ڪرنل صاحب جي منهن تي ڪاوڙ محسوس ڪئي، هن حڪم ڪيو ته آفيس مان نڪري وڃ. مان نڪري آيس، 10 منٽ ٿيا ته وري سڏ ٿيو، اندر داخل ٿيس ته ڪرنل صاحب مسڪرائي رهيو هو، هن جي موڊ تبديل ٿي وئي هئي. سوال ڪيائين ته ”ڪٿان جو آهين؟“ جواب ڏنو مانس ”سر نوابشاھ ضلعي جو آهيان.“ ”اڇا ته پوءِ توهان نوابشاھ جا ماڻهو ته ڏاڍيل هوندا آهيو؟“ هن مسڪرائي چيو ”نه سر اهڙي ڳالھ ناهي جي ائين هجي هان ته مان به ڏاڙيل هجان هان، فوج ۾ ڇو ڀرتي ٿيان ها.“ وري سوال ڪيائين ”نشو ڪندو آهين؟“ ”ها سر ڀنگ پئندو آهيان، ڪڏهن ڪڏهن چرس به...“ سچ ڳالهائي رهيو هئس، ڊپ نه هو. ”ها ڀنگ ته توهان سنڌين جو قومي مشروب آهي!“ ڪرنل صاحب مسڪرائيندي مزاق واري انداز ۾ چيو. ”اڇا تنهنجي 7 ڏينهن جي موڪل منظور ڪئي آهي، وڃي ڳوٺان چڪر هڻي اچ“ ڪرنل صاحب اهو چئي وڃڻ جو چيو. ٻاهر نڪتس ته حوالدار شيري جو منهن لٿل هو، جڏهن ته صوبيدار مهربان ڀاڪر پائي مليو. ”اسلم منهنجي 22 سالن جي سروس ۾ تو جهڙو جوان ناهي ڏٺو، وڃ ڳوٺان گهمي اچ ته پوءِ

تنهنجي هتي اسپيشل ڊيوٽي لڳائيندس.” هاڻي آرام سان ٿاروشاه پهتس ۽ واپسي ۾ مونکي جي.سي.او ميس جو انچارج مقرر ڪيو ويو، 7 سپاهي منهنجي اندر ۾ هئا.”

## سکر ۾ پوسٽنگ ۽ شادي

“ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ صوبيدار مهربان مون وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو اسلم توهان سکر وڃو، هن ڪرنل تي اعتبار ناهي متان وري نہ ڪو وڪڙ چاڙهي. مان بہ خوشي خوشي سکر هليو آيس، سکر ۾ صدر الدين شاه جي درٻار سامهون پوسٽنگ هئي، روز دعائون گهرڻ ويندو هئس. منهنجا سڀ مامرا حل ٿيل هئا، هڪ ڳالهہ رهيل هئي توهان سمجهي سگهو ٿا، جي ها منهنجي شادي آخر اهو ڏينهن بہ اچي ويو، جڏهن مان موڪل تي گهر آيس ۽ ٿاروشاه مان ان وقت 25 ڪارن ۽ هڪ بس جو قافلو دوڙ روانو ٿيو، جي تہ اهو منهنجي شاديءَ جو ڪاڄ هو، خير سان شادي ٿي گهر واپسي ٿي ۽ ڪجهہ ڏينهن ۾ موڪل بہ پوري ٿي، واپس سکر پهتس جنهن ڪانپوءِ ڪراچي گهرايو ويو.”

## بهاولپور ۾ پوسٽنگ

“سال 1988ع ڊسمبر ۾ پوسٽنگ بهاولپور ڪينٽ ۾ ٿي، بهاولپور پرسان جنرل ضياءَ الحق جي موت جي ڪري اجا تائين دهشت جو ماحول هو، ان وچ ۾ مونکي سبي موڪلڻ جو آرڊر آيو، خبر پئي تہ اتي هڪ خطرناڪ قسم جي مَکِ آهي جنهن جي چڪ هڻڻ سان الرجي ٿي پوي ٿي، جنهن جو علاج فقط ڪوئٽہ ۾ آهي! ڊڃي ويس ۽ بهانو ٺاهي انڪار ڪيم، ان ڪانپوءِ رحيم يار خان موڪليو ويو، جتي پنهنجي پراڻي دوست ۽ استاد حوالدار عبدالغنيءَ سان ملاقات ٿي، جيڪو هاڻي صوبيدار ٿي ويو هو. هن پهريون ئي سوال ڪيو “اسلم سزا تہ نہ ڪاڏي آهي؟” مان نہ چيو ڪلي ڏنائين ۽ چوڻ لڳو ياد اٿئي مون توکي چيو هو تہ ڪڏهن بہ سزا نہ ڪائيندي، اهڙي طرح نوشهره ڪينٽ ۾ ٽريننگ بابت ڪوڙ ڳالهيون ياد ڪري ڪچهري ڪئي ۽ موڪلايوسين.

## اذان ڏيڻ ۽ وڃڻ جو واقعو

هڪ ڀيرو نوشهره ڪينٽ ۾ منهنجي ڊيوٽي مسجد ۾ لڳائي وئي تہ توهان اذان ڏيو، اهو بہ چيو ويو تہ نماز بہ توهان کي ڪي پڙهائڻي آهي، نماز پڙهائڻ کان تہ بابوُ صاحب معذرت ڪئي البتہ ڪينٽ جي مسجد ۾ بہ مهينا اذانون ضرور ڏنائين. هڪ صبح جو نماز پڙهي جيئن ڪينٽين تي پهتو تہ سندس دوست ۽ نالي ياٺي بوٽ ميڪر محمد اسلم ورائي ويس تہ 50 روپيا اُڌارا ڏئي، جيئن ڳوٺان چڪر هڻي اچي، هن پئسن لاءِ ڪيسي ۾ هٿ وڌو تہ ان

مان ڪاري رنگ جو وڇون سندس هٿ تي چڙهي هيٺ زمين تي ڪريو، جن فوجين اهو منظر ڏٺو تن ۾ دانهن ڪئي تہ ’وڇون ڙي وڇون، وارو ڪيو ماريوس.‘ ان سڄي منظر ۾ بابوُ صاحب آرام سان بيٺو رهيو ۽ ٻين کي چئي پيو تہ اهو وڇون ڪيئن ٿو تي سگهي، اها ڪرڙِي هئي! آخر فوجين وڇونءَ کي ماري هن کي ڏيکاريو ۽ اهو بہ چوڻ لڳس ”تون سيد آهين ڇا، جو وڇونءَ توکي نہ ڏنگيو؟“ هن نہ ۾ ورندي ڏني ۽ چيو تہ جيڪو منهنجي رب کي منظور هوندو اهو ئي ٿيندو.

## ڪرنل حسن ڪياني سان قرب

”ڪجھہ ڏينهن ڪانپوءِ منهنجي پوسٽنگ ٻيهر جهلم ڪينٽ ۾ ٿي، جتي هڪ ڪرنل حسن ڪياني صاحب هو، جيڪو مونکي گهڻو پائيندو هو، جنهن جي پوسٽنگ جڏهن ڪراچي ٿي تہ مونکي بہ چيائين تہ گڏ هل، انڪار سو نہ ڪري سگهيس باقي ايترو چيو مانس تہ مان بوٽ پالش نہ ڪندس! هن اها ڳالھہ ٻڌي کلي ڏنو ۽ چيائين تہ اهڙي ڳالھہ ناهي تون مونسان رڳو گڏ هججانءِ اهڙي ريت ٻيهر ڪراچي اچڻ ٿيو. اهو سال 1996 هو، ڪرنل ڪياني جهلم جو رهواسي هو ڏاڍو سنجيده ۽ ادب دوست انسان، جيڪو مونسان ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهري ڪندو هو، پاڻ کي ڪڏهن بہ منهنجي اڳيان آفيسر ظاهر نہ ڪيائين. هڪ ڀيرو زور رکيائين تہ مان پروموشن وٺان جيئن سروس جو مدو وڌي سگهي، چيو مانس هاڻي ٿڪجي پيو آهيان، رٽائر ٿي ڳوٺ وڃڻ چاهيان ٿو، فوج کي گهڻو وقت ڏنو آهي، هاڻ پنهنجي ماڻهن کي وقت ڏيڻ چاهيان ٿو. هڪ ڳالھہ ٻڌائيندو هلان تہ فوج ۾ منهنجو ٽريڊ ايس.ايم.ايس هو، هي سپلائي ڪور ۾ هوندو آهي، جنهن جو بنيادي ڪم حالت جنگ يا امن ۾ جوانن کي کاڌي جي سپلائي ڪرڻ هوندو آهي.

## رٽائر ٿيڻ

خير باقي ٽي مهينا رهيا تہ مونکي واپس جهلم موڪليو ويو، جتي مونکي رٽائر ٿيڻو هو. آخري ڏينهن تي وردي ۽ ٻيو سامان جمع ڪرائي ڪليرئنس سرٽيفڪيٽ وٺي ڪلندو روئندو ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيس، هاڻي مان نارو شاھ پهتس پر ان کان اڳ ڪجھہ ڳالهين جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي.“

## شادي ۽ اولاد

بابوُ صاحب جي بقول تہ هن جي شادي ارينج ميرج آهي، جيڪا بعد پيار ۾ تبديل ٿي وئي. سندس شادي مائٽن خاص ڪري هن جي پيءُ جي مرضي سان ٿي. ”منهنجي گهرواري

صابرين عورت آهي، هر حال ۾ صبر ڪرڻ ۽ رب تعالىٰ تي توڪل ڪرڻ واري عورت، منهنجي سماجي ڪم ۾ هن جو وڏو هٿ آهي.” اولاد ۾ بابوُ صاحب کي ٽي پٽ وليد حسن، معيد اسلم ۽ اشعر اذان جڏهن ته چار ڪکيون اٿس. بابو صاحب جي سهري جو نالو عبدالشڪور خانزاده هو، جنهن کي انتقال ڪئي 10 سال ٿي ويا آهن، سالن ۾ محمد شريف، سعيد احمد آهن، جيڪي دوڙ ۾ رهن ٿا.

## ادا ايوب ۽ ادا اقبال جو اولاد

“ادا ايوب جي فرزندن ۾ وڏو پٽ وقاص عرف بوبي ۽ زاهد علي آهن، جيڪي شاهي بازار ۾ ايوب بوٽ هائوس نالي دوڪان هلائن ٿا، ادا ايوب کي ٽي نياڻيون آهن.”

“ادا محمد اقبال جي اولاد ۾ هن جو وڏو پٽ فراز، منهنجي اولاد جو گهڻو خيال ڪندو آهي، جڏهن ته ٻيو نمبر محمد حنيف عرف هني قرآن شريف جو قاري آهي، ادا اقبال کي 5 نياڻين جو اولاد آهي.”

“اسان جي مائٽن ۾ ادا فوجدار خانزاده جو پاءُ ادا محمد يونس خانزاده اسان جي برادري ۾ سلجهيل ۽ نيڪ انسان آهي، هو ڪتابن جو چاهيندڙ ۽ تمام گهڻو پڙهيل انسان آهي، هن جي اولاد سان جن ۾ هن جو وڏو پٽ سيٺ محمود احمد، محمد جميل، محمد صديق، محمد ياسين جو آمريڪا ۾ رهندو آهي ۽ محمد فيصل جنهن سان گهڻو قرب آهي، سائين محمد يونس غريبن جو تمام هڏڏوڪي آهي، محمود احمد سان منهنجي زندگيءَ جو گهڻو وقت گذريو آهي، اسان ننڍي لاءِ کان هڪ ٻئي جا ساٿي رهيا آهيون، هن وقت به جڏهن ڪو مامرو ٿيندو آهي ته هو منهنجي ساٿي ٿي بيهندو آهي، اهڙا ماڻهو ورلي کي هوندا جن سان روح جو رشتو ٿي ويندو آهي، محمود سان به منهنجي ڏاڍي دل آهي.

## والد جهڙو پاءُ

“ادا اقبال، منهنجي والد جي جاءِ تي رهيو آهي، هن مونکي ڪڏهن به بابا جي ڪمي محسوس ٿيڻ نه ڏني، سدائين منهنجي مٿان ڇپر ڇانوَ رهيو. مان هن وقت جيڪو به آهيان، ان عظيم شخصيت جي ڪري آهيان. منهنجي گهر نهرائڻ کان منهنجي ٻچن جي سنڀال لهڻ ۾ هن جو ئي ڪردار آهي، ادا جي مون سان بهترين هلت ڪري ان جو اولاد به منهنجو هڏ ڏوڪي آهي.”

## واپسي ۽ ڪاروبار کولڻ

هاڻي بابوُ صاحب جي فوج ۾ رٽائر ٿيڻ ۽ شهر ۾ اچي ڪاروبار ڪولڻ جو ذڪر ڪجي ٿو، بابوُ صاحب ٻڌائي ٿو تہ "فوج ۾ نوڪريءَ ڪانپوءِ ٺاروشاه ئي واپسي ٿي، منهنجي اڳيان مسئلو هو تہ هاڻي ڇا ڪجي؟ جنهن لاءِ ابتدائي طور وزير اڄڻ هوٽل واري جي پرسان سليم رضا سيال جو سنوڪر جو دڪان هو، جيڪو ٺيڪي تي وٺي ڪم شروع ڪيو. ان وچ ۾ سنوڪر جو ٽورنامنٽون بہ منعقد ڪرايم، هڪ ڳالھ تہ جيڪي رانديگر منهنجي دوڪان تي ايندا هئا، انهن جي خدمت ۾ سبز چانهن ضرور پيش ڪندو هئس، جنهن سان سنڌ جي مهمان نوازيءَ جي رسم پوري ٿيندي هئي، مونکي خوشي ٿيندي هئي. اهو دوڪان سال ڪن هلايم، جنهن ڪانپوءِ ادا اقبال چيو تہ هن منهنجي لاءِ تلو گيھ جي ايجنسي ورتي آهي، هاڻي مان اهو ڪاروبار ڪرڻ لاءِ ذهني طور تيار ٿي ويس، بخاري امام بارگاھ جي سامهون رئيس رمضان عالماڻي جي دوڪان ڪرائي تي ورتو. اهڙي ريت ڪم شروع ٿي ويو.
ايجنسي ۾ تلو گيھ ڪانسواءِ پامي ۽ ڪيپري جا صابڻ بہ هئا، مٿان وري فرج بہ رکيم جنهن ۾ آئسڪريم ۽ بوتلون بہ رکيون، هر هفتي دادو مان ڪراچي جي پيپسي بوتلون گهرائندو هئس. ان ڪم ۾ مهنجي وڏي ڀاءُ جيان الاهي بخش بالادي وڏي مدد ڪئي، ايتري تائين جو هر هفتي هن جي گاڏي دادو مان منهنجي لاءِ بوتلون ڪٽي ايندي هئي، جنهن جو ڀاڙو بہ نہ ورتو ويندو هو. گيھ جا ڊبا پنهنجن ڪلهن تي رکي سڄي شهر ۾ سپلائي ڪندو هئس."

## بجليءَ جو بحران

"ڪاروبار خوب هلندو رهيو، ان دوران هڪ ڳالھ محسوس ٿي تہ شهر ۾ بجليءَ جو وڏو بحران آهي، ڪلاڪن جا ڪلاڪ بجلي نہ هوندي هئي! اهڙي ناجائزي ڏسي واپڊا وارن سان جهيڙو شروع ٿي ويو، تڏهن حيسڪو ڪمپني هوندي هئي، جنهن جو چيف اديب الحسن نالي همراھ هو، مان ان سان رابطا شروع ڪيا، منهنجي فون اٽيند ڪري ڀرپور ريسپانس ڏيندو هو. ان وچ ۾ حيسڪو آفيسرن جون دعوتون شروع ڪيم. آخر اهو پتو لڳائڻ ۾ ڪامياب ويس تہ بجلي وڌيڪ ڇو ٿي ڪٽجي! دراصل هو هٽ جو فالٽ وجهندا هئا، جيئن چوري جا يونٽ برابر ڪري سگهجن. مان سمجهان ٿو تہ واپڊا جي تباهي جي شروعات تڏهن کان ٿي، جنهن ۾ يونين ڀرپور ساٿ ڏنو. هٽ وٺي اداري کي تباھ ڪيو ويو! ان وقت ٺاروشاه سب ڊويزن تي غلام حيدر ميمڻ نالي ايس.ڊي.او هو جنهن سان ڪيترائي ڀيرا تلخ ڪلامي ٿي."

## گرڊ جو منظور ٿيڻ

"مان ٺاروشاه جي گرڊ لاءِ بہ ڪوشش ڪئي ۽ 2004ع ۾ شهر لاءِ گرڊ منظور ٿي آئي، جيڪا پوءِ ڪجھ سياسي سببن ڪري نوان جتوئي منتقل ٿي وئي. مان مسڪين ماڇهو سواءِ

ڪوشش جي ڇا پيو ڪري سگهان، ياد آهي تہ اها رات ٽينشن ڪري ننڊ نہ ڪري سگهيو هئس تہ اسان جي شهر جي گرڊ ٻڌي ڪنهن هنڌ ڪيئن هلي وئي؟ اها رات ڏاڍي خراب گذري، صبح ٿيو، مان ان کي 'نئون صبح' ڪري ورتو، هڪ ڀيرو ٻيهر نئين عزم سان ڪوشش شروع ڪيم."

## ڪاروبار سان حشر

"ان وچ ۾ ايس.ڊي.او ميمڻ بہ بدلي ٿي ويو، شهر مٿان لوڊ شيڊنگ جو آزار گهٽيو، واپڊا وارن سان جهيڙي ۾ مان هاڻي شهر ۾ هڪ اهڙي ڪردار طور سامهون آيو هئس، جيڪو شهرين سان ٿيل ناجائزن خلاف آواز اٿاري پيو، ان وچ ۾ منهنجي ڪاروبار سان ڪهڙو حشر ٿيو سو توهان پاڻ سمجهي سگهون ٿا، هڪ هڪ ڪري گيهہ تہ ڇا پر خالي دٻا بہ ڪجي ويا!"

## دوڪاندار ويلفئير جو قيام

"هڪ ڳالهہ تہ ان دوران ڪجهہ دوڪاندار دوست مون وٽ آيا ۽ چوڻ لڳا تہ دوڪاندارن جي تنظيم جو بنياد وجهي ڪم شروع ڪجي، مان ها ڪئي ۽ تنظيم جي ڪاميابي لاءِ پختو ارادو ڏيکاريو، هڪ ڳالهہ پريشان ڪري ڇڏيو، چوڻ لڳا تنظيم جو صدر تون ٿي! مان پهريائين تہ انڪار ڪيو پر پوءِ دوستن جي اسرار تي ها ڪئي. اهڙي ريت ٺاروشاهہ ۾ 'المدد دوڪاندار ويلفئير ايسوسئيشن' جو بنياد پيو، مان پهريون صدر مقرر ٿيس. جنهن ڪانپوءِ بزرگ ڪاميٽي جو قيام بہ عمل ۾ آندو ويو، جنهن ۾ حاجي اختر خانزاده، حاجي الاهي بخش بالادي، عبدالغفور پٽي ۽ منهنجي محسن استاد محمد الياس خانزادي جو فرزند منهنجو نالي پائي محمد اسلم خانزاده شامل هئا. ان سڄي سلسلي ۾ حاجي احمد سهتي جو فرزند محمد سهتو، جيڪو هاڻي هن جهان ۾ ناهي رهيو منهنجي گهڻي مدد ڪئي."

## سوئي گيس جي تحريڪ

سوئي گيس، جهڙي ريت ٺاروشاهہ ۾ نہ اچڻ مسئلو رهيو آهي، تهڙي طرح ان جي اچڻ بابت تحريڪ ۽ سرگرم ڪردار بابت بہ سدائين تڪرار رهيو آهي، هر ڌر اها دعوا ڪري ٿي تہ هنن جي ڪوشش سان شهر ۾ سوئي گيس آيو. ان بابت جڪڏهن بابوُ صاحب سان ڪچهري ٿي تہ هن بہ اهڙي قسم جي ڳالهہ ڪئي، جنهن ڪانپوءِ تاريخ مان هڪ مثال آندو تہ جڏهن حضرت يوسف ؑ کي وڪري لاءِ مصر جي بازار ۾ آندو ويو، تڏهن هڪ مسڪين پوڙهي عورت بہ خريدارن ۾ پنهنجو نالو لکرايو، ڪنهن پڇيو تہ "اي پوڙهي! تو وٽ ايترا پئسا

آهن جو يوسف کي خريد ڪري سگھندئين؟” هن وراڻيو تہ: “خريد تہ نہ ڪري سگھندس، باقي نالو سو ضرور ايندو تہ مان بہ انهن ۾ شامل هئس، جن حضرت يوسف کي خريد ڪرڻ چاهيو پئي!” سو بابوُ صاحب بہ اها ڳالهہ ان تناظر ۾ ڪئي تہ برابر ڪافي ماڻهو هئا جن ٺاروشاه ۾ سوئي گيس لاءِ وڏي ڪوشش ڪئي، بس منهنجو نالو بہ ان پوڙهي جيان لکيو وڃي تہ مان بہ ڪوشش ڪئي هئي.” هن وٽ سوئي گيس جي جهدوجهد بابت ڪيترين ئي يادگيريون آهن، جيڪي بيان ڪري ٿو.

“هڪ ڀيري حاجي الاهي بخش بالادي جي دوڪان تي سوئي گيس بابت دوڪاندار ويلفئير جي ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ طئي ڪيو ويو تہ شهر لاءِ سوئي گيس حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي پئماني تي هلچل هلائي ويندي.”

## بلوچ ٿي واعدو پاڙجان

“شهر ۾ افواه هلي ويو تہ ايم ڪيو جي سينيٽر محمد علي بروهي پنهنجي ڪوٽا ۾ ٺاروشاه کي سوئي گيس ڏياري آهي. مون کي يقين نہ پئي آيو، تڏهن ٺاروشاه ۾ موبائيل فون سروس نہ هئي سو ادا اقبال جي دوڪان تان پاڻٽي فراز کي چيم تہ هي سينيٽر محمد علي جو نمبر آهي فون ڊائل ڪر! بروهي صاحب جو نمبر سوئي گيس ۾ انجنئير طور ڪم ڪندڙ پنهنجي دوست شاڪر سومري کان حاصل ڪيو هو. ادا جي دوڪان تي رئيس پير بخش اجڻ، حاجي رسول بخش اجڻ ۽ ادا فوجدار خان بہ موجود هئا. فون ڪرڻ جي دير هئي محمد علي صاحب فون اٽينڊ ڪئي، مان هن کي چيو سر اسان ٻڌو آهي تہ توهان پنهنجي ترقياتي ڪوٽا مان ٺاروشاه کي سوئي گيس ڏئي رهيا آهيو؟ هن جواب ۾ ها ڪئي، جنهن تي مون چيو مانس سر مهرباني ڪري هڪ بلوچ جي حيثيت سان پنهنجي ڳالهہ تي قائم رهجو، ائين نہ ٿئي جو سينيٽر ۽ سياستدان ٿي وڃو. هن هڪ ٺهڪ ڏيندي مون کان پڇيو، توهان ڪير آهيو؟ جواب ڏنو مانس مان شهر جي دوڪاندار ايسوسيئيشن جو صدر ۽ آرمي جو رٽائرڊ اهلڪار آهيان، تنهن تي هن چيو تہ مان جڏهن بہ نوشهروفيروز يا ٺاروشاه آيس تہ توهان سان ضرور ملاقات ڪبي مان وري ساڳيو جملو ورجايو.......سائين بلوچ ٿجو، پنهنجي ڳالهہ کي پاڙي ڏجو، پوءِ هن کي شايد ان ڳالهہ تان ڪاوڙ لڳي فون بند ڪري ڇڏيائين. اهڙي ريت واضع ٿيو تہ اهو رڳو افواهہ هئا، هو شهر کي سوئي گيس ڏيڻ بابت سنجيده نہ هئا.

سوئي گيس جي منهنجي هن ننڍڙي هلچل ۾ شاڪر سومري وڏي مدد ڪئي، هو مڪمل اطلاع ڏيندو هو. منهنجي دوستي نئين تڪ جي هڪ همراهہ عبدالله سومري سان بہ ٿي وئي جيڪو پڻ باهمت ڪردار هو، شام جو گڏ ويهي سوئي گيس جي تحريڪ بابت صلاحون ڪندا هئاسين. هو هوشيار ماڻهو هو، مان هن کي استاد چوندو هئس. اسان هڪ ڀيري سائين ظفر علي شاه کان ٽائيم وٺي دربيلي هليا وياسين، سائين سان ملاقات ٿي جنهن

کي عرض ڪيوسين تہ سوئي گيس بابت فزيبلٽي رپورٽ تهرائي ڏئي! سائين چيو گيس جي اميد ئي ناهي تہ فيزيبلٽي رپورٽ ڇا جي!! خير اسان جي زور تي سائين ها ڪئي ۽ ڪجهہ مهينن ۾ اسان کي فيزيبلٽي رپورٽ ملي وئي، خبر پئي تہ 8 ڪروڙن ۽ 60 لکن جي بجيٽ درڪار آهي، 6 ڪروڙ تہ ايس.ايس.جي.سي وارا ڀريندا باقي جيڪڏهن ڪو ايم.پي.اي يا ايم.اين.اي پنهنجي ترقياتي فنڊ مان ڏئي تہ شهر جو ڀلو ٿي ويندو.

شاڪر سومرو، ڄامشوري جو رهڻ وارو، سوئي گيس ۾ ڊپٽي چيف انجنئير طور ڪم ڪري رهيو هو، تنهن اسان جي تمام گهڻي مدد ڪئي. هو هر ڳالهہ کان اسان کي باخبر رکندو پئي آيو. هڪ ڀيرو فون ڪري چيائين تہ ڀريا روڊ کان ناروشاه تائين گهڻا پيٽرول پمپ آهن؟ جلدي انهن بابت معلومات ڏيو. مان ڪجهہ دير ۾ ئي انهن پيٽرول پمپن جي باري ۾ آگاهي ڏني. هن صلاح ڏني ۽ چيو تہ اسان جي ڪوشش هوندي تہ توهان کي ڀريا واري پاسي کان سوئي گيس ڏيون، ڇو جو اها مين لائين آهي ان سان توهان کي گيس پريشر جي تڪليف نہ ٿيندي."

"ٻئي طرف مان تڏهن جي صدر پرويز مشرف کي مسلسل خط لکندو رهيس، جن ۾ اهو مطالبو شامل هوندو هو تہ ناروشاه هڪ تاريخي شهر آهي، جنهن کي سوئي گيس فراهم ڪئي وڃي. آخر اهو ڏينهن اچي ويو جو اسان جي شهر ۾ سوئي گيس جا ٺيڪيدار پهچي ويا، کوٽائي جو ڪم شروع ٿيو، اهي همراهہ اڃا بہ ياد آهن، محمد حسن بروهي ۽ سوالي بروهي جن کي مان حاجي رسول بخش اڄڻ جي جاءِ مسواڙ تي وٺي ڏني، جنهن جاءِ تي هاڻي غزالي اسڪول آهي. ڪم زور شور سان جاري ٿيو، اڄ اسان سوئي گيس جي نعمت مان فائدو حاصل ڪريون پيا. آفيسرن ۾ غلام حيدر گبول جيڪو نوان جتوئي جو رهاڪو هو ۽ غلام عباس عباسي گهيڙ گجو وارو سنا آفيسر هئا، جيڪي ياد آهن."

بابوُ صاحب سان سوئي گيس بابت تفصيلي ڪچهريون رهيون آهن، ڇو جو مان بہ ڄڻ هن شهر جو ئي رهواسي ٿي ويو آهيان ان ڪري ڄاڻان ٿو تہ سوئي گيس جي حاصلات لاءِ اڪيلي سر بابوُ ئي نہ پر ڪجهہ ٻيا مشهور ۽ گمنام ڪردار پڻ آهن جن ۾ هڪ سيد نذير حسين شاه بہ آهي، هن سيد ۽ ناروشاه جي ڄاڪوڙي ڪردار تي مان پنهنجي ڪتاب ۾ پڻ هڪ مضمون لکيو هو، جيڪو هتي ٻيهر ورجايان ٿو، جيئن ڪير اهو نہ سوچي تہ سوئي گيس جي جدوجهد ۾ بابوُ صاحب اڪيلو هو.

## سيد نذير حسين شاه

"اسان سمجهندا آهيون تہ جهڙي ريت اسان سوچيندا آهيون، فيصلا ڪندا آهيون ٻئي ماڻهو بہ ائين ئي سوچيندا هوندا پر ايئن بلڪل ناهي هوندو. هر ماڻهو جي سوچ سمجهہ جو پنهنجو انداز هوندو آهي. 'مها ڀارت' ۾ شري ڪرشن کان ارجن معلوم ڪيو تہ "ڇا جيئن

پاڻ شين جي باري ۾ سوچيون ٿا برهما به ائين ئي سوچيندو هوندو؟” ڪرشن ڪنڌ سان نهڪار ڪري چيو “نه بلڪل نه برهما ائين ناهي سوچيندو جيئن عام انسان شين جي باري ۾ غور وفڪر ڪندا آهن.”

هندومت ڪانسواءِ اسان ڪي دنيا جي ٻين مذهبن ۾ به اهو آفاقي فلسفو ملي ٿو ته خدا جي جي اڳيان پوري ڪائنات جو وجود آهي. جڏهن ته انسان جي نظر ۾ سوچ ڦري گهري پنهنجي پيرن ۾ ئي ساهه پٽي ٿي. اهو ساڳيو فلسفو جيڪڏهن اسان دنيا جي وڏن ماڻهن تي فٽ ڪيون ته به ٺيڪ رهندو. دنيا ۾ وڏو ماڻهو اهو ناهي جنهن وٽ ڏن دولت هجي پر وڏو ماڻهو اهو آهي جنهن جي سوچ جو ڪينواس وسيع کان وسيع تر هجي.

اسان جي شهر ٺاروشاه جو سيد نذير حسين شاه به دنيا جي انهن وڏن ماڻهن مان هڪ هو جنهن جي اڳيان پوري انسانيت هڪ ئي جلوي جو مظهر هئي. ٺاروشاه جي گهٽين ۾ گهمندڙ انهي ماڻهو جي کهڙي ڳالهه ڪجي جيڪو هتان جي هر ماڻهو تي عاشق هو. هن جي عشق جي اها حد هئي جو پنهنجي ڀرپور توانائين سان سڄي عمر سرگردان رهيو ته ڪهڙي ريت ٺاروشاه واسين جي زندگي ۾ خوشي جا گلاب پوکجن. هتان جي بجلي جو مسئلو هجي يا فون جي ڏکيائي، گيس جي حاصلات لاءِ جاکوڙ هجي يا ٻيگل روڊ رستن جي تعمير جو اشو، سيد نذير شاه ڪڏهن به خاموش نه رهيو. هن جي جستجو جا جتي ڪيترائي مثال موجود آهن اتي هي ڳالهه اڄ به هن جا چاهيندڙ بيان ڪن ٿا ته هڪ ڀيرو ٺاروشاه جي هڪ روڊ جي موري (پل) ڀڄي پئي، صاحب ڪي جڏهن انهي جي خبر پئي ته صبح جو سويل اتي اچي ويهي رهيو. هر ايندڙ ويندڙ کان پئسا گهرڻ لڳو ايتري تائين جو ڪجهه ماڻهن جي واتان هن هي جملا به ٻڌا ته شاه صاحب هاٽي پنڻ تي لهي پيو آهي. سيد نذير شاه انهن جملن جي پرواهه ڪرڻ ڪانسواءِ پنهنجو ڪم جاري رکيو. تان جو ايترا پئسا ٿي ويا جو انهي وقت انهي ڀڳل موري جي مرمت ڪرايائين. اڄايو الزام هڻندڙ هڪ ٻئي جي منهن ڏي ڏسندا رهيا. انهي سڄي مرحلي ۾ سيد نذير شاه کي ڪا به پرواهه نه رهي! ڇو پرواهه نه رهي؟ مان مٿي لکيو آهي ته وڏا ماڻهو ائين ناهن سوچيندا جيئن اسان سوچيندا آهيون.

ٺاروشاه شهر ۾ اڄ جڏهن سوئي گيس ٻري ٿي ته انهي ۾ مکيه ڪردار سيد صاحب جو آهي. هن شهر ۾ سوئي گيس جي حاصلات لاءِ جڏهن تحريڪ شروع ٿي ته سيد نذير شاه جي ننڊ ڦِٽي وئي. آخر جڏهن سوئي سدرن گيس ڪمپني پنهنجي هڪ سروي ۾ انگن اکرن جي ڪاريگري سان ثابت ڪيو ته هن شهر ۾ گهربل ڪينڪشن نه ملي سگهندا ڇاڪاڻ ته گهرن جو انگ ٿورو آهي ته اسان جي شهر جي هن ولي رات ڏانهن هڪ ڪري سڄي شهر جي سائنسي بنيادن تي سروي ڪئي ۽ پوءِ جڏهن اهي ڪاغذ سوئي گيس انتظاميه جي اعلىٰ عملدارن تائين پهچايا ويا ته هنن جي حيرتن جي انتها نه رهي ته سوئي گيس لاءِ درخواست

ڏيندڙ انهن گهرن جو انگ سندن جي نامر نهاد سروي کان ٻيڻو ٽيڻو آهي، جيڪا هنن ڪجهہ وقت اڳ ڪرائي هئي.

اهو سڀ هن شخص جو ئي ڪمال هو جنهن پنهنجي ڀرپور توانائي سان شهر جي ڀلي لاءِ پنهنجي جان وقف ڪري ڇڏي هئي. سيد نذير شاهہ جي هن شهر سان لازوال محبت جا ڪهڙا داستان بيان ڪجن. بس دل چوي ٿي هن لاءِ سنڌي ٻولي جي پهرين شعر جو هي سٽون هن جي نانءِ ڪيان جيڪي سنڌيءَ جي ڪنهن نامعلوم شاعر بادشاهہ يحيٰ برمڪي جي درٻار ۾ چيون هيون

**ارهہ بره ڪنڪره، ڪراڪري منده.**

**يا**

**ارهہ اصره ڪڪرا، ڪي ڪره منده.**

مفهوم: ”جڏهن اسان وٽ نيڪين جو ذڪر هلندو آهي تہ تنهنجو ئي نالو ورتو ويندو آهي.“

سو اڄ بہ جڏهن ناروشاهہ ۾ نيڪين جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو تہ هر ماڻهو جي زبان تي سيد نذير شاهہ جو ئي نالو هوندو آهي. پاڻ 2 فيبروري 2007ع تي اسان کان هميشہ موڪلائي ويو. سندس آخري آرامگاهہ بخاري ۾ آهي.“

شهر ۾ سوئي گيس بابت منهنجو ٻيو مضمون بہ ڪتاب ۾ شامل هو، جنهن ۾ پڻ انهن ڪردارن جي واکاڻ ڪئي وئي آهي، جن جي ڪوشش سان سوئي گيس مليو.

## ناروشاهہ ۾ سوئي گيس

”اسان پنهنجو اهو واعدو وفا ڪيو جيڪو ناروشاهہ جي عوام سان مڪاني چونڊن کان اڳ اهو چئي ڪيو هو تہ هو علي خان عالماڻي کي ووٽ ڏين تہ انهن کي گيس ڏياري وينديسين.“

اهي لفظ سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار غلام مرتضيٰ جتوئي جا هئا، جنهن 18 ڊسمبر 2004ع تي ٽائون ڪاميٽي هال جي اڳيان ناروشاهہ ۾ سوئي گيس جي افتتاح جي موقعي تي هڪ عوامي ميڙ ۾ ڳالهايا.

ناروشاهہ واسين جو اهو تمام پراڻو مطالبو هو تہ شهر کي سوئي گيس فراهم ڪيو وڃي. جنهن جي اڳيان حڪومت جي ڪافي ٽيڪنيڪل رنڊڪن سان گڏ ڪجهہ سياسي مشڪلاتون پڻ هيون، جنهن جي ڪري هيڏو سارو تاريخي شهر سالن کان سوئي گيس جهڙي زبردست سهولت کان محروم رهندو پئي آيو. آخر ناروشاهہ جي قسمت ۾ اهو سڀاڳو ڏينهن اچي ويو جڏهن شهرين جي گهرن ۾ ڪاٺين، ڪوئلن ۽ ڇيڻن جي بجاءِ قدرت جي عظيم نعمت سوئي گيس ٻري.

سوئي گيس جي انهي وقت جي جنرل مئنجر آفتاب ميمڻ مطابق ناروشاهہ تائين گيس پائيپ لائين وڇائڻ ۾ 8 ڪروڙ 2 لک 26 هزار روپيا خرچ آيا. هڪ اطلاع مطابق اهي پئسا

ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ۽ صوبائي سرڪار گڏيل طور ادا ڪيا، نتيجي ۾ 6 مهينن اندر ٺاروشاه ۾ سوئي گيس پهچائڻ جي هي رٿا مڪمل ٿي.

جيتوڻيڪ هن شهر جا رهواسي پنهنجي اتهاسي حق موجب سمجهن ٿا تہ ڪين سوئي گيس ملڻ ۾ ڏاڍي دير ٿي وئي پر انهي سان گڏ هنن کي اها خوشي بہ آهي تہ دير سان ئي سهي پر هنن کي سوئي گيس جهڙي نعمت عطا ٿي.”

ٺاروشاه ۾ سوئي گيس آڻڻ بابت عالماڻي برادرس جو ڪردار بہ تاريخ ۾ سدائين زنده رهندو. هنن ان سلسلي ۾ وڏي ڪوشش ڪئي. هي اهو زمانو هو جڏهن علي خان عالماڻي يوسي ٺاروشاه جو ناظم ۽ ضلعي نوشهروفيروز جو نائب ناظم هو. تنهن پنهنجي ذاتي ڪوششن سان ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ جي فنڊ مان پئسا جاري ڪرائي ٺاروشاه کي هن عظيم تحفي سان نوازيو.

## سياست ۾ اچڻ

سال 2005ع ۾ ٻي مڪاني چونڊ ٿي. جنهن ۾ بابوُ صاحب بہ حصو ورتو جنهن ۾ ڪامياب ٿيو. هن بقول تہ سڄو شهر هن جو حلقو هو، جنهن ۾ هو ٻيون نمبر ڪائونسلر چونڊيو. پهريون نمبر مرحوم محمد عمر ٻڙدي ۽ ٽيون نمبر ولايت راجپوت چونڊجي آيا.

## تلخ يادگيريون

هن ان سلسلي ۾ ڪجهہ تلخ يادگيريون آهن، ٻڌائي ٿو تہ “ڪائونسلر ٿيڻ ڪانپوءِ پهرئين چئلينج هيءَ هئي تہ تعلقي ناظميءَ لاءِ ڪنهن کي ووٽ ڪجي. هن مٿان بہ ساڳيون پريشر هو، ڇاڪاڻ تہ هن جي خاندان جو لاڳاپو سيد ظفر علي شاه سان هو. ان ئي پليٽ فارم تان هو ڪامياب ٿيو هو، جنهن ڪري تصور بہ نہ هو تہ مخالف اميدوار کي ووٽ ڏئي، جنهن جي ڪري هن کي ڌمڪيون بہ مليون پر الله سائين جي مدد سان پار پهتو. “منهنجو ووٽ سيد امير علي شاه کي هو، جيڪو اتفاق سان هڪ ووٽ تان هارائي ويو پر پوءِ هڪ عدالتي فيصلي ڪانپوءِ هن کي بحال ڪيو ويو ۽ آخري سالن ۾ هو تعلقي ناظم رهيو.”

سياست ۾ اچڻ لاءِ هن جي بقول تہ پليٽ فارم المدد دوڪاندار ايسوسئيشن آهي، جنهن ۾ جڏهن داخل ٿيو يا ان جي شروعات ڪيائين تہ هن کي محسوس ٿيو ٺاروشاه جهڙو اتهاسي شهر مسئلن جي ور چڙهيل آهي هڪ پاڪ صاف سياست ذريعي ئي انهن مسئلن کي منهن ڏئي سگهجي ٿو. هو سياست ۾ اچڻ جو سڄو ڪريڊٽ دوڪاندار ايسوسئيشن کي ڏئي ٿو.

## پسنديده سياستدان

منهنجي پڇيل هڪ سوال تہ توهان جو پسنديده سياستدان ڪهڙو آهي، بي اختيار سيد ظفر علي شاه جو نالو وني ٿو، جنهن جو هن وٽ اهو سبب آهي تہ شاه صاحب ڪڏهن بہ ڪرپشن ۾ ملوث ناهي رهيو هيو تہ هن ڪڏهن بہ انتقامي سياست ناهي ڪئي. هن بقول تہ ڪڏهن ڪڏهن اهڙن حالتن جي ڪري سيد ظفر علي شاه جهڙا سياستدان هن سماج ۾ فٽ ناهن ٿي سگهندا پوءِ بہ هن پنهنجو وارو وڄايو آهي. ان جهڙا ماڻهو هن ملڪ لاءِ نعمت مثل آهن. باقي سياستدانن ۾ هن کي محمد عثمان خان عالماڻي ۽ سندس ڀاءُ علي خان عالماڻي پسند آهن. هن جي بقول تہ هو مخلص آهن، هنن وٽ قوم لاءِ سچائي آهي، ڪوڙ دوکي دولاب کان کوهين ڏور، جيڪو چئبو سو ڪبو. اجائي ڳالهہ کي وڌاءُ نہ ڏياربو جو سياڻي پاڻ پريشان ٿجي. اهو ئي سبب آهي جو ناروشاه جي نوجوان طبقي ۾ هنن کي پسند ڪيو وڃي ٿو. جڏهن تہ صوبي کان ٻاهر سياستدانن ۾ هن کي شيخ رشيد پسند آهي. شيخ صاحب جو ڪليل ڳالهيون هن کي متاثر ڪن ٿيون، هو جهڙو اندر آهي تهڙو ٻاهر.

## سال 2016ع جي چونڊن ۾ شڪست

سال 2016ع جي مڪاني چونڊ ۾ شڪست بابوُ صاحب کي ڪجهہ وقت تہ جهوري وڌو پر هن هيهر همٿ ڪئي ۽ پنهنجي ڪم سان لڳي ويو، اهو ڪم جنهن ۾ هن کي روحاني تسڪين ملي ٿي. هو پنهنجي شڪست منفي انداز سان نہ ٿو ڏسي. بقول سندس جي تہ هن جي مخالفن جي دعوا هئي تہ بابوُ 50 ووٽ بہ نہ ڪٽي سگهندو پر 332 ووٽ ڪٽي ثابت ڪيو تہ ماڻهن وٽ هن لاءِ محبتون آهن، جيڪي اليڪشن ۾ ثابت ٿيون. "اليڪشن جي سلسلي ۾ منهنجي وڏي ڀاءُ محمد اقبال، مائٽ استاد سهراب خانزاده ۽ ڀائٽي فراز گهٽو ڪم ڪيو. ساڳي وقت علي صاحب بہ منهنجي تمام گهڻي ورڪ ڪئي ۽ مونکي يقين هو تہ ڪٽيندس پر هارجي ويس، جنهن لاءِ ايترو افسوس ناهي. هن چونڊ ۾ منهنجي مائٽن ۽ پيننرن مونکي ووٽ ڏنا، جنهن لاءِ مان انهن جو مشڪور آهيان." ان سلسلي ۾ فيس بوڪ تي هن جي نالي تي هڪ پوسٽ بہ رکي جيڪا هن ڪتاب ۾ بہ شامل ڪجي ٿي:

## وارڊ 04 جو هيرو!

بلدياتي اليڪشن ۾ ناروشاه جي وارڊ 04 تي هارائيندڙ هن شخص جو ڏاڍو ارمان آهي، رنگ، نسل، مذهبي ساڃ کان پري بابوُ اسلم فوجي خانزاده کي خبر ناهي ڪهڙي ڏوهہ ۾ رد ڪيو ويو...!؟

بس ايتري سا خبر آهي تہ ماستر چندر جي چاهہ ۾ گوبند مالهيءَ جي محبت ۾ گرفتار هن همراهہ کي ڪجهہ ماڻهو ان ڪري بہ پسند نہ ڪندا هئا تہ هو رڳو ٺاروشاه جون ڳالهيون ڪري ٿو!

مان نہ ٿو ڄاڻان تہ هاڻي هو ڏينهن جا ڏينهن گٽرن جي مٿان بيهي بنا ڪنهن معاوضي جي کهڙي ريت صفائي ڪرائيندو.......کهڙي ريت روڊن تي ٻهارو ڪڍي نڪري ايندو...۽ ڪيئن مصيبتن ۾ مبتلا هرماڻهو جي سڏ ۾ سڏ ڏيندو...

هو منهنجو دوست بابُو فوجي، جنهن اليڪشن کان هڪ رات اڳ فون ڪري چيو هو، "سائين! مان ڪٽيندس مون تي هڪ مضمون لکجو...۽ مان وڏو ٺهڪ ڏئي 'ها' ڪئي هئي...سو هارائڻ کانپوءِ اڄ صبح شهر جي چوُنڪ تي مليو. هن جي چهري ڏي غور سان ڏٺم ڪٿي بہ شڪست جي ريکا نہ هئي...ها بس خاموش هو. مان ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيو ان کان اڳ هن ڏي فون آئي ڪال اٽيند ڪرڻ کانپوءِ چيائين "سائين، وارڊ 04 ۾ ڪجهہ گهرن ۾ گيس نہ پيو اچي، مان اوڏانهن وڃان پيو...پوءِ ڪچهري ڪبي!"

## هڪ افسوس

بابُو اسلم فوجي خانزاده، بظاهر تہ هڪ همٿ وارو انسان آهي پر ڪڏهن حالتن جي ڪري مايوس بہ ٿيو وڃي. جنهن لاءِ بہ هن وٽ ڪجهہ ڳالهيون آهن. جن مان هن جي بقول "سال 2007ع ۾ ٺاروشاه ۾ ماس ليول تي ڊرينج سسٽم لاءِ 7 ڪروڙ منظور ٿي آيا، جيڪي تڏهن ضلعي ۽ تعلقي وچ ۾ سياسي مخالفت سبب واپس ٿي ويا." هو چئي ٿو تہ "ان لاءِ مونکي سنڌي جو پهاڪو ياد ايندو آهي تہ "وڙهن سانهہ، لتاڙجن ٻوڙا" ٿيو بہ ائين ضلعي ۾ جتوئي صاحبن جي سرڪار هئي تعلقي ۾ سيدن جي وچ ۾ ٺاروشاه جو نقصان ٿيو. جنهن لاءِ جيترو افسوس ڪجي گهٽ آهي." هو ٻڌائي ٿو تہ "ان سلسلي ۾ اسان جي شهر جي هڪ فرزند سنڌ حڪومت جي سيڪريٽري قاضي عبدالڪبير صاحب بہ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي تہ اهي پئسا ڪنهن ريت ٺاروشاه ۾ استعمال ٿين پر ائين نہ ٿي سگهيو. قاضي صاحب جي ڪوشش باوجود ٺاروشاه کي فقط 70 هزار ملي سگهيا. جيڪي "اٺ کي جيري" برابر هئا."

## پاور هائوس ۽ گرڊ جو قيام

سال 1933ع ۾ شهر ۾ پاور هائوس قائم ڪيو ويو، جيڪو 1968ع ۾ بند ٿيو. هتي 66 ڪي وي گرڊ اسٽيشن بہ ٺاهي وئي، جنهن جي سپلائي نوابشاه تائين ويندي هئي. جڏهن واپڊا ڪاٽو نهيو ۽ هڪ لک 32 هزار جا گرڊ نهيا تہ ٺاروشاه جي هيءَ گرڊ بند ڪئي وئي. اڄ بہ ان گرڊ جا پول نوشهري فيروز کان ٺاروشاه تائين لڳل آهن.

ناروشاه بابت سڀ کان وڏو افسوس هي آهي جو تعلقي ۾ سڀ کان وڏي آبادي هجڻ جي باوجود هن وقت تائين شهر کي تعلقي هيڊ ڪوارٽر جو درجو نہ ملي سگهيو آهي؛ جيڪڏهن اڄ شهر کي هيڊ ڪوارٽر جو درجو ملي ها تہ شهر جو نقشو ڪجهہ سهي پر تبديل هجي ها.”

## شهر جي ڀلائي لاءِ جاکوڙيندڙ

پنهنجي شهر يا وطن سان محبت هر ماڻهو جي زندگيءَ جو اولين مقصد هوندو آهي، بابوُ صاحب جو شمار بہ انهن ماڻهن منجهہ آهي. اهڙي ريت جڏهن شهر جي ڪجهہ ماڻهن بابت هن کان حال احوال ورتم تہ هن جو چوڻ هو تہ “منهنجي شهر جا ڪجهہ نهايت معتبر انسان آهن، جن جو ذڪر نہ ڪرڻ ناانصافي ٿيندي. جن مان چيئرمين عبدالرحمان خانزاده بہ شامل آهي، هو شهر جو ٽي ڀيرا چيئرمين رهيو آهي، هن جي وڏي خوبي تہ شهر ۾ انڪروچمنٽ ٿيڻ نہ ڏيندو هو، هن جا ڪرايل ڪم اڄ بہ قائم آهن. ڪڏهن شاهي بازار ۾ وڃي ڏسو، اتي نهيل بلاڪ جيڪي اڄ بہ ساڳي حالت ۾ آهن. هڪ ڀيرو سوئي گيس وارن کي کوٽائي ڪرڻي هئي، عام اوزارن سان انهن بلاڪن کي نہ ٽوڙي سگهيا، پوءِ سوئي گيس وارن کي مشينون گهرائڻيون پيون. جڏهن بہ شهر ۾ ڪو تعميراتي ڪم ٿيندو هو تہ ان کي پاڻ چيڪ ڪندو هو، مطلب تہ هو شخص ناروشاه واسين لاءِ رحمت جو فرشتو هو. ان کانپوءِ عبدالمجيد راجپوت جو نالو نہ ڳڻائڻ بہ پاڻ سان دوکو ٿيندو، هن جي چيئرميني جي دور ۾ بہ ناروشاه گهڻي ترقي ڪئي.

“شهر ۾ ڀلائي لاءِ جاکوڙ جي حوالي سان هن جي اڳيان سيد امتياز حسين شاه جو نالو محترم آهي، هو ٻڌائي ٿو تہ سيد صاحب شهر ۾ صفائي جي حوالي سان تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي، هن امن ڪاميٽيون جوڙيون، صفائي لاءِ خانگي طور تمام گهڻي ڪوشش ڪئي پر افسوس جو ماڻهن وٽ اهڙن انسانن جو قدر ڪونهي! سيد امتيازحسين شاه صاحب ڪانسواءِ جڏهن سندس مرحوم پاءُ سيد نذير حسين شاه جو ذڪر آيو تہ بابوُ صاحب جذباتي ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو اهڙا پٽ ناروشاه کي ورلي نصيب ٿيندا، سيد نذير حسين شاه اسان جي شهر جو تمام وڏو ماڻهو هو، جنهن کي خراج پيش ڪجي ٿو.”

بابوُ صاحب وٽ اڳوڻي چيئرمين حاڪم سيال جون بہ يادگيريون آهن، هن جي بقول تہ: “شهر وچ ۾ موجود الشهباز مارڪيٽ چيئرمين حاڪم سيال نهرايو، پر ان تي افتتاحي تختي چيئرمين عبدالرشيد خانزاده جي لڳل آهي، چاڪان تہ ان دوران حاڪم سيال جو پيرڊ پورو ٿي ويو؛ هو ناروشاه جو سڄڻ هو، جنهن جون خدمتون ياد رهنديون. هن جي دور ۾ شهر ۾ مرڪيوري بلب بہ لڳايا ويا. بابوُ صاحب جي مطابق شهر ۾ چيئرمين بخشل ميمڻ بہ سٺو منتظم رهيو، جڏهن تہ رئيس محمد رمضان عالماڻي جو ذڪر بہ ضروري آهي، جنهن جي دور

۾ شهر جي صفائي خاص ڪري گوشت مارڪيٽ ۽ سبزي مارڪيٽ تي ڪَڙي نظر رکي وئي، جيئن شهرين کي صاف ڪاڏو ڪائڻ لاءِ ملي.”

هن جي ياد ۾ ڪائونسلر رشيد ميمڻ بہ آهي، جنهن پنهنجي ميمڻ پاڙي ۾ زبردست ڪم ڪرايا. “هو ٺاروشاه جو زبردست ماڻهو هو. ان ڪانپوءِ 2001ع ۾ ٺاروشاه کي يوسي جي حيثيت ڏني وئي پهريون ناظم عبدالرؤف خانزاده ٿيو، جيڪو پڻ هن شهر لاءِ ياڳوند ثابت ٿيو، جڏهن تہ سال 2005ع ۾ محترم علي خان عالماڻي يوسي ناظم هو، جنهن جا شاندار ڪم بہ وسارڻ جوڳا ناهن. جنهن جي ڪري اڄ بہ شهر جا ماڻهو هن سان پيار ڪن ٿا.” هو ٻڌائي ٿو تہ “ڪنهن زماني ۾ سندس دوست ايڊووڪيٽ ممتاز ڪلهوڙي جو والد عباس ڪلهوڙو بہ ڪائونسلر ٿيو، جيڪو پڻ انسان دوست هو.”

## محسن خاندان

ٺاروشاه ۾ استاد گل حسن تيوڻو ۽ ان جي خاندان کي پنهنجو محسن مڃيندڙ بابو صاحب انهن جي ڳالهہ ورجائي ٿو، بقول بابو صاحب تہ هنن جي اسڪول ۾ جڏهن بہ ڪو پروگرام ٿئي تہ سائين وارا هن کي ضرور گهرائيندا آهن، نہ فقط سائين گل حسن پر سندس فرزند نعيم الحسن، فهيم الحسن ۽ وسيم الحسن جا هن جي مٿان اڻ ڳڻيا احسان آهن. ائين ڪٿي چئو تہ ٺاروشاه ۾ هي خاندان سندس محسن خاندان آهن.

حاجي عبدالقيوم ميمڻ، ڊاڪٽر شاهنواز ناريجو، ڊاڪٽر تميز الدين ميمڻ، پرنسپال ڊگري ڪاليج شفيق الرحمان ميمڻ، سراج ميمڻ ايس.ڊي.او، ڊاڪٽر الهڏنو ميمڻ، عبدالهادي ميمڻ، ايس.ڊي.او عبدالقدوس سومرو ساندن وارو، سروئير مشتاق احمد سومرو، حاجي محمد ولي خانزاده، سندس پٽ فرحان، ذيشان ۽ سلمان جن جا منهنجي مٿان احسان آهن.

صحافين ۾ الهہ رکيو راڄپر ۽ شاهد راڄپر، ظهير سومرو، تنوير قريشي ۽ ملوڪ عباسي منهنجي مٿان مهربان رهيا آهن.

ٽي.ايم.او ممتاز قلپوٽو کي آئي بہ مهينا ٿيا آهن، هو شهر جي ڀلي لاءِ تعاون ڪري پيو. جڏهن تہ ٽائون ڪاميٽي ٺاروشاه ۾ سڪندر چنو، جمال ڏهراج ان دوستي آهي.

## ايني طاهر ۽ ڌرتي فائونڊيشن

هو شهر جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندڙن کي عزت ۽ تڪريم جي نگاهہ سان ڏسي ٿو، ان عورت جو بہ وري وري ذڪر ڪيائين جيڪا شهر جي ڀلائي لاءِ ‘ڌرتي فائونڊيشن’ نالي سماجي تنظيم هلائي پئي. ايني طاهر جنهن جو احسان چوڪ تي سلائي ڪڙاهي جو مرڪز بہ آهي، جتي هو عورتن کي پنهنجي پيرن تي ڪڙو ڪرڻ لاءِ هنر سيکاري ٿي. هو ٻڌائي ٿو

تہ اينڊڙ سال ايني طاهر جي ڪوشش سان ناروشاه کي هڪ ايمبولينس بہ ملندي، جنهن سان بيمارن کي ٻين شهرن ڏانهن منتقل ڪرڻ ۾ سهولت ٿيندي

## مامي گلوءَ ۽ چِٽي فقيرَ جون يادون

"هڪ ڀيري خبر پئي تہ ناروشاه جي درويش انسان مامي گلوءَ جو اڪسيڊنٽ ٿي پيو آهي، هن کي اسپتال داخل ڪرايوسين. هاڻي وري پئسن جو مامرو هو تہ رقم ڪٿان اچي جو علاج جاري رکجي، جنهن لاءِ مامي جي هڪ مائٽ وسيم سيال سان گڏ رڪشا ۾ چڙهي سڄي شهر ۾ پڙهو ڏنو، ماڻهن تمام گهڻي موٽ ملي، اسان کي 60 هزار چندو ٿيو، جنهن لاءِ مان شهر وارن جا اڄ بہ ٿورا مڃيندو آهيان."

"مامي گلو کان اڳ بہ ناروشاه ۾ چِٽو فقير رهندو هو. جيڪو شهر ۾ گشت ڪندو هو. هو ڏنڊن جو تمام گهڻو شوقين هو ڪنهن کي بہ ڏنڊو ڏسندو هو تہ آخر ۾ ان کان پئسن تي بہ خريد ڪندو هو. هڪ ڏينهن اچانڪ غائب ٿي ويو. اڄ تائين ڪا بہ خبر ناهي تہ هو ڪاڏي ويو!"

## سماجي خدمتون

سماجي خدمتن ۾ بابوُ صاحب جي پسنديده شخصيت عبدالستار ايڌي مرحوم آهي. هن جي بقول تہ "ايڌي صاحب نہ فقط پاڪستان پر دنيا جو وڏو ماڻهو هو، جنهن ذات پات رنگ نسل ڪانسواءِ عوام جي خدمت ڪئي. مان هن جي پيرن جي مٽيءَ برابر ناهيان. بس ماڻهن جون محبتون ۽ مرشد سائين عبدالجليل جون دعائون آهن." هو ٻڌائي ٿو تہ مرشد جي عرس موقعي تي اسٽريٽ لائيٽ، صفائي ۽ سيڪيورٽي جو ڪم هن جي حوالي هوندو آهي. جنهن ۾ هن کي روحاني تسڪين حاصل ٿئي ٿي؛ ان سلسلي ۾ ڪجهہ مخالفت بہ آهي، پر مان انهن لاءِ بہ دعاگو آهيان تہ آباد هجن، ڇاڪاڻ تہ مونکي پنهنجي مرشد اهو ڏس ڏنو تہ جيڪو ماڻهو توهان سان خراب هلي توهان پنهنجي وس آهر ان سان ڀلو هلڻ جي ڪوشش ڪريو؛ نہ فقط مرشد سائين پر ان جو فرزند سائين عبدالڪريم، سائين صديق جمال، سائين فاروق سان بہ عقيدت جو رشتو آهي، انهن جو احترام منهنجي رڳن ۾ رت تي ڊوڙي ٿو، درگاه جي خدمت ۾ انهن جا حڪم شامل هوندا آهن." هو ٻڌائي ٿو تہ "ويجهر ۾ علي صاحب جي هدايتن تي درٻيلي مان 5 ڇوڪرا گهرايا آهن، جيڪي پنهنجي ڪم سان سچا آهن، مان بہ انهن جو خاص خيال رکان ٿو، انهن جي اچڻ سان شهر جي صفائي ۾ ڪافي فرق آيو آهي. شهر جو روپ ڪجهہ مٽيو آهي، باقي ڊرينج جو نظام بدستور اسان جي مٽي جو سور آهي، جنهن لاءِ ماس ليول تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي."

## ڪشمير ۾ زلزلو

سال 2005ع ۾ ڪشمير ۽ اترين علائقن ۾ زلزلي وڏي تباهي آندي. جنهن لاءِ ملڪ جي ٻين حصن جيان ٺاروشاه ۾ به چندي جي مهم هلائي وئي، شهرين دل کولي پنهنجي ملڪي ڀائرن جي مدد ڪئي. جيڪا هڪ اندازي مطابق لکن ۾ شمار ٿئي ٿي.

## شهر ۾ چوڪيداري نظام

ٺاروشاه ۾ چوڪيداري نظام، ٻين شهر جي مقابلي ۾ ڪافي بهتر آهي، تنهن هوندي به وارداتون ٿي وجن ٿيون، جنهن لاءِ انتظاميہ کي گهٽو چوڪس رهڻو پوندو، وڌيڪ ڪوششون ڪرڻيون پونديون. ان سلسلي ۾ بابوُ صاحب جي ڪوشش به ساراهڻ جوڳي آهي، شهر ۾ موجوده چوڪيداري نظام لاءِ اسلم فوجي وٽ ڪجهہ ساروڻيون آهن هو ٻڌائي ٿو تہ: "جڏهن منهنجو دوڪان هوندو هو تہ اها رات خالي نہ هئي جو بازار ۾ ڪا واردات نہ ٿئي! صبح جو جڏهن دوڪان کوليندو هئس تہ 4،3 ماڻهو اڳئي شڪايتون کڻي وينا هوندا هئا تہ هنن جي دوڪان کي ڪات لڳو آهي؛ جنهن لاءِ دوڪاندار ويلفئير جو اجلاس گهرائي متفق طور بازار ۾ چوڪي جو نظام قائم ڪرڻ جي صلاح ڏيني، مان ڪوشش ڪئي تہ چوڪي لاءِ رٽائر فوجي ڀرتي ڪجن جنهن لاءِ نواب پان رٽائر فوجي، آچر پان رٽائر فوجي، عبدالستار رٽائر فوجي، باقي ٽي سول ماڻهو جن ۾ مختيار سولنگي ڪمال پان ۽ هڪ جو نالو ياد ناهي ابتدائي طور مقرر ڪيا، ان وچ ۾ تڏهن جي ايس ايس پي عرفان بلوچ سان ملاقات ڪئي، جنهن اسان کي چيو تہ جيڪو ماڻهو دوڪان کي ڪات هڻندي ڏسو تہ ان کي شوٽ ڪري ڇڏيو، پوءِ اهڙو اعلان اسان بازار ۾ ڪرايو ۽ ڪجهہ ڏينهن ۾ وارداتون ختم ٿي ويون. چوڪيدارن جي ابتدائي پگهار 35 سو رکي. ڪافي دوڪاندار تعاون نہ ڪندا هئا. انهن جي اعتماد لاءِ شروع ۾ گهران خرچ ڪيم. چوڪيدارن کي پگهارون پنهنجي هٿان وڙان ڏيندو هئس. جنهن جو شاهد سائين رمضان شاه آهي، جنهن جي اوطاق تي ويهي پگهارون ڏيندو هئس. چوڪيداري ڪري شهر ۾ رات جو مزو لڳو پيو هوندو. امن جي ڪري رات جو ڪيترائي شهري ٻاهر اچي اسان سان گڏ ويهندا هئا. ياد اٿم تہ محترم عبدالحق ڀرٽ ڪڏهن جي دير سان موٽندو هو تہ اسان وٽ اچي ويهندو هو ۽ چوندو هو چانهہ پياريو، ڀرٽ صاحب سان ڪچهريون اڄ بہ ياد آهن، هو اسان جي علائقي جو فرشتہِ صفت انسان آهي، جيڪو ڪنهن کي بہ نقصان نہ ٿو ڏئي، سندس جي پنهنجي تنظيم غريب نواز ويلفئير بہ عوام لاءِ جاکوڙي پئي."

"شهر ۾ امن و امان هو، جنهن جي ڪري رات جو ڪيترائي ماڻهو پنهنجون موٽرسائيڪلون ۽ سائيڪلون وساري ويندا هئا. جن کي ٻئي ڏينهن نشاني پڇي واپس ڪندا هئاسين، ڪار اسٽاپ تي جمع پناڻ جو دوڪان آهي، اهو تہ اڪثر بند ڪرڻ بہ وساري ڇڏيندو

هو، جيڪو پوءِ چوڪيدار اچي بند ڪندا هئا. اسان جا مقرر ڪيل چوڪيدار بي ايمان نہ هئا. جنهن ڳالهہ تي فخر آهي.”

## راتين جون ننڊون ڦٽائيندڙ

شهر ۾ محرم جو مهينو هجي يا ربيع الاول جو ماهہ يا هولي يا ڏياري يا عيدون، بابوُ صاحب جي ننڊون حرام ڏينهن رات هڪ ڪري ڏيندو، پڇ پڇان ۾ وقت ويندس. هو ٻڌائي ٿو تہ “هڪ ڀيري محرم شريف ۾ خبر پئي تہ سول جج پريا شهر ۾ انڪروچمنٽ ختم ڪرائڻ لاءِ اچي پيو. اهو 7 يا 8 محرم جو ڏهاڙو هو، مون سوچيو جي انهن تاريخن تي ڊاٽ ٿي تہ اهو ملبو ڪير ڪڻندو، هتي نارمل صفائي ئي ڏکي آهي، جنهن جي ڪري عزاداري امام حسين عہ متاثر ٿيندي، جنهن لاءِ هڪ درخواست ڪڍي سائين مير شاهہ وٽ ويس، سائين کي ڳالهہ سمجهائي، صحيح ورتم ۽ سڌو سول جج پريا وٽ ويس، جج صاحب جو نالو ياد ناهي پر هن اتي بيهي آڊر ڪيو، مان درخواست پيش ڪئي، مسڪرائي چوڻ لڳو فوجي صاحب توهان سيد آهيو؟ جواب ۾ چيو مانس نہ سائين مان خانزادو آهيان، پر شهر جو مامرو آهي، مهرباني ڪري درخواست تي غور ڪريو، هن چيو تہ جيئن توهان چوندا تيئن ٿيندو، گهبرايو نہ، خوش ٿي گهر پهتس. اهڙي طرح شهر ۾ مقدس ڏهاڙن جي حوالي سان بجليءَ جو خاص خيال رکندو آهيان تہ بجلي ضرور هجي نہ تہ مسئلا پيدا ٿين ٿا.”

بابوُ صاحب جي خدمتن تي مان سال 2010ع ۾ هن تي پهريون مضمون لکيو، جيڪو سنڌ ۾ سماجي خدمتن جي حوالي سان وڏي نالي مسڪين جهان خان کوسي جي حوالي سان هو، ان مضمون ۾ بابوُ صاحب کي مسڪين سان ڀيٽا ڏني وئي هئي، جنهن کي بہ هن ڪتاب ۾ شامل ڪجي ٿو.

## ناروشاهہ جو مسڪين جهان خان کوسو بابوُ اسلم فوجي

ناروشاهہ جي هن سنهڙي سيپڪڙي شخص بابوُ اسلم فوجي خانزاده کي مان شهر جي هر گهٽي، هر بازار هر چونڪ تي ماڻهن جي مسئلن کي وس آهر حل ڪندي ڏٺو آهي.

انهي لاءِ ناروشاهہ بابت پنهنجي هن دستاويز ۾ سندس جو ذڪر ڪرڻ بہ ضروري سمجهيم. گهڻي غور ويچار ڪرڻ تي رنگ جي سانوري، جسماني طور ڪمزور هن شخص بابت ڇا لکجي؟؟

..............مونجهہ جو شڪار رهيم اهڙا کي لفظ نہ ملي رهيا هئا جو هن جي شخصيت کي “سمنڊ کي ڪوزي ۾بند ڪرڻ” جهڙو ڪارنامو سر انجام ڏئي سگهان!! آخرڪار مونکي ٺر جو مسڪين جهان خان کوسو ياد اچي ويو. منهنجي سامهون سندس کي

ڏنل انهي لقب يا تشبيح جي انهي وقت تصديق بہ ٿي وئي جڏهن هڪ مختصر ڪچهري ڪان پوءِ دفترن جا ڍير ڪٽي اڇي منهنجي اڳيان رکيائين....سچ پچ تہ ڪمال هئا اهي ڪاغذ جنهن ۾ ٿاروشاهہ جي هن ماڻهو پنهنجي ڀرپور ڪوشش سان شهر جي هر مسئلي ڏانهن وقت جي سرڪار جو ڌيان ڇڪائيندي وس آهر حل ڪرائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي.

سوئي گيس جي جهدوجهد هجي يا بجلي جي گرڊ جي تعمير. شهر جهڙي ڊرينج جو خوني معاملو هجي يا قبضہ خور مافيا جي دادگيري، ٻيو تہ ٺهيو پر جيڪڏهن بابوُ فوجي رستي ويندي ٻن رڪشا وارن کي وڙهندي ڏسي تہ بہ انهن جي وچ ۾ صلح ڪرائڻ پنهنجي اول فرضن ۾ شمار ڪري ٿو.

هو غضب جو ماڻهو آهي. سادو اهڙو جنهن جي سادگي کي ڏسي حيرت وٺيو وڃي تہ شهر بابت هن جي جهدوجهد تي ٻڌل دستاويز شايد هن جا نہ هجن. ٻئي پاسي هوشيار ايترو جو هن کي چئجي تہ هن ڪم ۾ ٿاروشاهہ جو ڀلو آهي ”ڪانويلي جي آري هيٺيان آنا بہ چورائي اچ.“ تہ بہ دير نہ ڪندو.

ڪيپسٽن سگريٽ جو براند ڇڪيندڙ 56 سالن جي جوان جذبن جو مالڪ بابوُ اسلم رڳو نالي جو فوجي نہ آهي. پر پاڪ فوج ۾ 18 سال سپاهي جي حيثيت سان خدمتون پڻ سرانجام ڏنيون اٿائين. سندس جي بقول تہ هن جي پاڪستان ۾ جتي بہ پوسٽنگ ٿي ڪوشش اها هوندي هئس تہ ريل گاڏي جي رستي ٿاروشاهہ جي جنڪشن تي لهي گهر اچي. جنهن لاءِ سندس کي روحاني مسرت حاصل ٿيندي هئي. هاڻي جڏهن ريل بند ٿي وئي آهي تہ هن کي پنهنجي ماضي جون اهي ڳالهيون جيءَ کي جهير ڏيندي محسوس ٿين ٿيون.

بابوُ آگسٽ سن 2000ع ڌاري فوج مان رٽائر ٿي ٿاروشاهہ آيو. سندس جي انهي رٽائرمنٽ جي پويان جتي يقينن ٻيا بہ ڪيترائي سبب هوندا پر هڪ سبب جيڪو مان سمجهيو آهي تہ هي شخص ماستر چندر، گوبند مالهي ۽ قاضي غلام علي جي ٿاروشاهہ جو عاشق آهي. هو انهي عشق جو اظهار بہ برملا ڪندو رهي ٿو. سياري جون سرد قاتل راتيون هجن يا اونهاري جون ٺهاري منجهندون بابوُ عرف ٿاروشاهہ جو مسڪين جهان خان کوسو مسلسل پنڌ ۾ آهي. اهڙو پنڌ جيڪو خوشحالي يا ٻين لفظن ۾ ٿاروشاهہ کي دنيا جي نقشي تي جنت بنائڻ جو آهي.

هن جا ڪيترائي سپنا آهن. جن مان هڪ هي بہ آهي تہ ناروشاه واسي زندگي جي هر شعبي ۾ اڳتي اچن. ڀلا رڳو ناروشاه جو فڪر ڇو؟؟ ٻي بہ دنيا پئي آهي!!!

مان هن جي انهي سوچ کي پيغمبرانہ فڪر سان استعاري طور آٽيندس ”پهرين گهر، پوءِ تڙ.“ هونءَ تہ بابوُ اسلم فوجي جي سڄي زندگي عوام جي خدمت لاءِ وقف آهي. پر ناروشاه واسين لاءِ رات جو سڪون جي ننڊ ڪرڻ جو جو سهرو بہ هن شخص تي آهي. انهي معملي

۾ هن جو سپاءُ بلڪل انهي فوجي جهڙو آهي جيڪو پاڻ ملڪي سرحدن تي چوڪي ڏئي عوام کي آرام جي ننڊ ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو.
ناروشاه ۾ چوڪيداري نظام کي جهڙي طرح هن شخص منظم ڪيو آهي. اهو فقط هڪ فوجي جو ئي ڪمال ٿي سگهي ٿو. انهي جڳهه تي وري بابوُ جو ڪردار هڪ مسڪين جو نہ پر جوان مرد سپاهي جو آهي جيڪو پنهنجي ديس واسين لاءِ راتين جون ننڊون ڦٽائي آرام مهيا ڪري ٿو. هڪ پاسي هو فوجي آهي تہ ٻئي طرف بهترين ليکڪ پڻ. پر هڪ ڳالهہ تہ هن جون سڀ لکڻيون ناروشاهہ جي پيرن ۾ دم پٽين ٿيون.
سن 2000ع کانپوءِ پاڪستان جي هر حڪمران سان هن جي لکپڙهہ ٿيل آهي. هن جو پنهنجي ڪم سان سچو هجڻ جو اهو بہ دليل تہ ڪيترائي سال گذرڻ باوجود هن جي هر لکڻي ڪنهن مقدس صحيفي وانگي محفوظ آهي. پاڪستان جي اڳوڻي صدر پرويز مشرف کان موجوده حڪمران صدر زرداري، وزيراعظم گيلاني تائين هن ناروشاهہ جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ خط و ڪتابت ڪئي آهي. هن جي خطن ۾ مونکي جنهن ڳالهہ سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو اهو هن جو هر خط ۾ شاعري جو استمال هو. شاعري جيڪا بقول شيخ اياز "روح کي گرمائيندي آهي."
بابوُ اسلم فوجي گذريل بلدياتي نظام ۾ شهر جو ڪائونسلر پڻ رهيو. انهي ڪائونسلري حاصل ڪرڻ ۾ بقول هن کي ڪنهن بہ سياسي پارٽي جي مدد حاصل نہ هئي فقط ئي فقط ناروشاهہ واسين جي محبت ۾ هن اها سيٽ حاصل ڪئي. اها محبت جنهن جو هو عملي مظاهرو ڪڏهن شهر جي اسٽريٽ لائٽ جي لڳرائڻ ۾ ڪندو آهي تہ ڪڏهن اڌ رات جو اٿي پاڻ مرادو شهر جي چوڪي ڏيڻ ۾ ڪري ٿو.
ناروشاهہ جي هن مسڪين جهان خان کوسي کي هن شهر سان انتو عشق آهي. هو هر شهر واسي سان محبت ڪري ٿو، سندس کي ڪنهن سان بہ ڪابہ شڪايت نہ آهي پر جڏهن گهڻي اصرار کانپوءِ مون هن کان ڪجهہ شڪايتون معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هن سگريٽ جو ڊگهو ڪش هڻندي سياستدانن جو نالو ورتو. هن پنهنجي دفتر مان ڪيترائي پنا ڪڍي مون ڏانهن وڌائي ڇڏيا. جنهن ۾ شهر جي اسٽريٽ لائيٽ لاءِ لکين روپين جي منظوري سان گڏ، هنري سکيا جي مرڪزن جو قيام نہ ڄاڻ ڇا ڇا هو. ............
هو اداس اکين سان مون ڏانهن ڏسي چئي ٿو...
"قاضي صاحب! سرڪار طرفان هن شهر کي گهڻو ڪجهہ مليل آهي پر سياست جي ور چڙهي ويو..." مان هن جي ڏک واري لهجي کي محسوس ڪندي، نيم آلين اکين ڏي ڏسندو رهان ٿو. جن ۾ هن سماج جي سياست لاءِ هزارين سوال ڪر ڪنيو بيٺا آهن.

چپ ڪنهن نانگ جيان اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڦڻ ڦهلايو بيٺي آهي. پنهنجي ملڪي سياست بابت سوچيندي منهنجو ڪنڌ جهڪيل آهي. مان پنهنجي سوچ کي هڪ پيرو ٻيهر متحرڪ ڪري بابوُ ڏانهن ڏسان ٿو. هوءُ جيڪو بخاري جي هنن سٽن جيان آهي

**"ها! جڏهن ۽ جتي ديس جي دنگ تي،**

**جوٽڻي جوٽجي،**

**مونکي منهنجي قبر مان ٻه ڪوٺي نجو،**

**منهنجو نالو ، منهنجو نالو لکو."**

۽ پوءِ هن جو نالو لکندي منهنجي ذهن جي دريچن ۾ ٿر جو اهو شخص، مسڪين جهان خان ڪوسو جهاتيون پائڻ لڳي ٿو، جنهن پنهنجي سڄي حياتي ٿر جي مسڪين ماروئڙن لاءِ جهدوجهد ڪندي گذاري.

شال بابوُ اسلم فوجي وڏي ڄمار پائي سچ پچ ته اڄ جي دنيا کي اهڙي قسم جي ماڻهن جي سخت ضرورت آهي...آمين

## گوبند ۽ چندر جون يادون

شهر ۾ توهان سان گڏ (مون ڏانهن اشارو) گوبند مالهيءَ جي ورسي ملهائيسين، گوبند اسان جي شهر جو اثاثو آهي، هن جو ادب ۾ ڪم آهي، مان هن جا ڪتاب پڙهيا ته ناهن پر پوءِ به هن سان اڻ ڏٺي محبت آهي، جنهن کي نڀائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. ان ڪانسواءِ ماستر چندر جو هڪ پروگرام به حاجي اختر خانزاده سان گڏجي ڪرايوسين، جنهن ۾ محترم سڪندر علي خشڪ صاحب ڊپٽي ڪمشنر شرڪت ڪئي هئي. ان پروگرام ۾ مونکي اجرڪ ڏنو ويو، جيڪو منهنجي لاءِ اعزاز آهي. شوق آهي ته شهر جي اهم ماڻهن لاءِ يادگار پروگرام ڪرائجن. خاص ڪري شهر جي محسن قاضي غلام علي تي ڪو پروگرام ڪرائجي، قاضي صاحب جي ياد ۾ نور محمد ڊگري ڪاليج جي هڪ ڪمپائونڊ تي قاضي صاحب جو نالو رکيو ويو آهي. جنهن لاءِ خوشي آهي."

## ڪجھ سماجي خدمتون

"جڏهن 2010ع جي مها ٻوڏ آئي ته انهن ماڻهن اسان جي تمام گهڻي مدد ڪئي، خاص ڪري چاچو عبدالرحيم خانزاده، حاجي الاهي بخش بالادي، مير خان بالادي، غلام شبير ڏاهري، منور بالادي، ممتاز سومري ميندي مشين وارو، سليم رضا خانزاده، سندرداس ديوان، حاجي برڪت سهتو، مرحوم غلام نبي بالادي، ارشاد خانزاده واپڊا وارو، حاجي مقصود خانزاده، محمد اقبال خانزاده، محمد صديق خانزاده، منير احمد پرٽ، راشد خانزاده جنرل اسٽور وارو، ايس ڊي او واپڊا اعجاز احمد ڏيٿو، مامو غلام سرور سومرو، محمد هاشم سمون، مجتبیٰ

اڄڻ، راحت شڪيل خانزاده، حاجي مشتاق ميمڻ ميڊيڪل اسٽور وارو ۽ اصغر ڪولاچي هر وقت مدد لاءِ تيار هوندا آهن، انهن ماڻهن وٽ جڏهن بہ ڪم ڪار لاءِ ويندو آهيان تہ انڪار ناهن ڪندا. سال 2010ع جي مهاڀوڏ ۾ پيارو خان نالي پريا تعلقي ۾ مختيارڪار هو، پنهنجي نالي جيان تمام گهڻو پيارو ۽ انسان دوست شخص جيڪو اڄ بہ ياد آهي.

## ڪجهہ انسان دوست آفيسر

پريا تعلقي جو موجوده اسسٽنٽ ڪمشنر محمد سليم ميمڻ، جيڪو قرآن پاڪ جو حافظ بہ آهي، انساني روپ ۾ ملائڪ صفت انسان آهي. هو سجاول جي رهڻ وارو آهي. انساني خدمت ۾ هن جي جيتري تعريف ڪجي گهٽ آهي. هو عوام جي خدمت ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري ويٺو آهي، جنهن ڪري هن جي عظمت کي سلام پيش ڪجي ٿو. ان انسان دوست آفيسر ڪانسواءِ ضلعي نوشهري فيروز ۾ ايس.ايس.پي طور رهندڙ عرفان بلوچ جو ڪردار اسان وٽ غير معمولي هو، هن جي دور ۾ ڦر ۽ چوري ٿيل شيون پاڳين کي واپس مليون، بلوچ صاحب کانپوءِ ايس.ايس.پي جاويد جسڪاڻي هڪ زبردست قسم جو آفيسر هو، هڪ ڀيري سڌير اڄڻ جي بيڪري کي باهہ لڳي وئي، تعلقي انتظاميہ مان ڪير بہ ريسپانس نہ ڏئي رهيو هو، مان جسڪاڻي صاحب ڏي ميسيج ڪيو، هن هڪ دم موٽ ڏني ڪجهہ دير ۾ فائربرگيڊ جي گاڏي پهچي وئي، ڪو جاني نقصان نہ ٿيو. البتہ سڌير جي سڄي بيڪري سڙي وئي.

ايس.ايس.پي اقبال دارا بہ انسان دوست آفيسر هو، هن سان پڻ ملاقاتون رهيون. امن و امان جي حوالي سان ڏاڍو خبردار هو. پوليس آفيسرن ۾ ڊي.آءِ.جي سيد ذوالفقار علي شاهہ ذاتي طور مونکي سڃاڻيندو آهي، هو ڪافي سال عيد ڪارڊ بہ موڪليندو رهيو، جڏهن تہ ڪجهہ سال سينيٽ جي تڏهن جي چيئرمين محمد ميان سومري صاحب بہ عيد ڪارڊ موڪليا، جيڪي اڄ بہ مون وٽ سنڀاليل آهن.”

## ٻئي يادون

“خانزادن ۾ هڪ ٻيو زبردست انسان آهي، استاد عبدالعزيز، هي همراهہ بہ مون وانگي سماجي ڪارڪن ئي آهي، ڏينهن رات عوام جي خدمت ۾ مصروف هن ڏاڍهن هڪ ڪريڊٽ وڃي ٿو تہ جڏهن ناروشاهہ مان ريلوي جو جنڪشن ختم ڪيو ويو تہ سائين ان جي بحاليءَ لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي. گهڻي لک پڙهہ ڪيائين. اها هڪ شاندار جهدوجهد هئي جيڪا ڪامياب تہ نہ ٿي سگهي پر ناروشاهہ جي تاريخ ۾ هن همراهہ جو ڪردار فراموش نہ ٿو ڪري سگهجي”.

